

REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) ڇنڇر 06 جنوري 2024ع بمطابق 23 جمادي الاثاني 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 221

چونڊون وقت تي ٿينديون، اقتدار ۾ اچي پگهارون ٽيڻيون ڪنداسين، عوام اسان سان گڏ آهي: بلاول

مون کي خوشي ٿي رهي آهي ته ذوالفقار علي ڀٽو جو جنم ڏينهن لاهور ۾ ملهايو. بينظير ڀٽو توهان جي نمائندگي ڪئي آهي

پ پ پ جيڪا توهان جي نمائندگي ڪري رهي آهي، منهنجا سفير ٻڻجي گهر گهر پهچو ۽ منهنجي 10 واعدن بابت عوام کي ٻڌايو

مان نفرت ۽ گار گند جي سياست تي يقين نٿو رکان، اهڙي سياست کي دفن ڪرڻ چاهيان ٿو، چونڊون وقت تي ٿينديون ۽ فتح اسان جي ٿيندي

سينيٽ ۾ چونڊون ملتوي ڪرڻ جي ٺهراءَ جي حمايت ناهي ڪئي، بلاول ڀٽو واضح ڪري چڪو آهي ته وقت تي چونڊون چاهيون ٿا: شيري رحمان

پ پ وقت سر شفاف چونڊون چاهي ٿي. چونڊن لاءِ 8 فيبروري جي تاريخ سپريم ڪورٽ ڏني آهي، اسان جون چونڊن جي حوالي سان تياريون مڪمل آهن

لاهور/ ڪراچي (رپورٽر + مانيٽرنگ ڊيسڪ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پاڪستان ۾ ڪير به پگهار تي گذارو نٿو ڪري سگهي، اقتدار ۾ اچي پگهارون ٽيڻيون ڪنداسين، جڏهن ته چونڊون وقت تي ٿينديون. لاهور جي تڪ اين اي 127 ۾ خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اڄ مون کي خوشي ٿي رهي آهي ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو جنم ڏينهن لاهور ۾ ملهايو. شهيد بينظير ڀٽو توهان جي نمائندگي ڪئي آهي، هڪ سياسي جماعت آهي، جيڪا توهان جي نمائندگي ڪري رهي آهي، منهنجا سفير ٻڻجي گهر گهر پهچو ۽ منهنجي 10 واعدن بابت عوام کي ٻڌايو هن چيو ته اسان 300 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

لاهور: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري عورت ونگ جي تقريب کي خطاب ڪندي

مُڪيش امباني کان ايشيا جي امير ترين شخص جو اعزاز کسجي ويو

نئين دهلي (م د) ڀارت سان واسطو رکندڙ مڪيش امباني لڳ ڀڳ هڪ سال کان پوءِ ايشيا جي امير ترين شخص جي اعزاز کان محروم ٿي ويو مڪيش امباني جي جاءِ تي ڀارت جو ئي گوتم اڏاڻي هڪ ڀيرو وري ايشيا جو امير ترين شخص بڻجي ويو آهي. واضح رهي ته جنوري 2023ع ۾ آمريڪي شارٽ سيلنگ ڪمپني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سينيٽ 8 فيبروري تي ٿيندڙ عام چونڊون ملتوي ڪرڻ جو ٺهراءُ اڪثريت راءِ سان منظور ڪري ورتو

سينيٽر دلاور خان عام چونڊون ملتوي ڪرڻ جي قرارداد پيش ڪئي، اڪثر علائقن ۾ سخت سردي آهي: دلاور خان

ملڪ ۾ جي يو آءِ ف جي ميمبرن ۽ محسن داوڙ تي به حملا ٿيا، ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان ۾ سڪيورٽي فورسز تي حملا ٿيا

چونڊ ريلي دوران انٽيليجنس ايجنسيون خطري جي الرٽ تي آهن. معاملا حل ٿيڻ کانسواءِ چونڊون نه ٿيڻ گهرجن: سينيٽ چيئرمين

دلاور خان جا دليل درست ڪرڻ چاهيان ٿو. امن امان جي صورتحال بهتر ناهي پر 2008ع ۽ 2013ع ۾ صورتحال خراب هئي: سينيٽر افنان

برطانيا ۽ آمريڪا ٻي عالمي جنگ دوران اليڪشن ملتوي ڪئي، موسم کي عذر طور استعمال ڪيو ويو، موسم کي عذر طور استعمال ڪيو ويو آهي

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) سينيٽ ملڪ ۾ 8 فيبروري تي ٿيندڙ عام چونڊون ملتوي ڪرڻ جو ٺهراءُ اڪثريت راءِ سان منظور ڪري ورتو سينيٽر دلاور خان عام چونڊون ملتوي ڪرڻ جي قرارداد پيش ڪئي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته اڪثر علائقن ۾ سخت سردي آهي، جنهن سبب انهن علائقن جو چونڊ عمل ۾ حصو وٺڻ مشڪل آهي. دلاور خان چيو ته جي يو آءِ ف جي ميمبرن ۽ محسن داوڙ تي به حملا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

پ پ سينيٽ ۾ چونڊون ملتوي ٿيڻ جي ٺهراءَ بابت بهره مند تنگي کي شوڪاز جاري ڪري ڇڏيو

بهره مند تنگي کي شوڪاز اعليٰ قيادت جي هدايت تي پارٽي سيڪريٽري جنرل نيئر بخاري جار

”پارٽي ليڊرشپ جي هدايتن ۽ پارٽي پاليسي جي ڀڃڪڙي ڪئي، ٺهراءَ جي حمايت ڇو ڪئي“: موقف

8 فيبروري تي عام چونڊن لاءِ پارٽي پرعزم آهي، ٺهراءَ جي حمايت ڇو ڪئي؟ هڪ هفتي ۾ جواب ڏنو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پ پ سينيٽ ۾ چونڊون ملتوي ٿيڻ جي ٺهراءَ بابت سينيٽر بهره مند تنگي کي شوڪاز جاري ڪري ڇڏيو، پڌرائيءَ موجب بهره مند تنگي کي شوڪاز اعليٰ قيادت جي هدايت تي پارٽي سيڪريٽري جنرل نيئر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

تحريڪ انصاف چونڊون ملتوي ڪرائڻ لاءِ سينيٽ جي ٺهراءَ کي غير آئيني قرار ڏئي ڇڏيو

سياسي جماعتن طرفان سينيٽ جي فلور ذريعي عام چونڊون ملتوي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي

90 ڏينهن ۾ صاف شفاف چونڊون اليڪشن ڪميشن ۽ نگران حڪومت جي آئيني ذميواري آهي

عدالت عظميٰ جي حڪم جي ڀڃڪڙي ۽ توهين عدالت آهي، عام چونڊن لاءِ مڪمل طور تيار آهيون

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) تحريڪ انصاف چونڊون ملتوي ڪرائڻ لاءِ سينيٽ جي ٺهراءَ کي غير آئيني، غير قانوني ۽ غير جمهوري قرار ڏئي ڇڏيو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسلام آباد ۾ گاڏي تي فائرنگ، سني علماءِ ڪائونسل جو اڳواڻ مولانا مسعود الرحمان مارجي ويو

اسلام آباد (م د) اسلام آباد ۾ اڻڄاتل موٽر سائيڪل سوارن جي فائرنگ ۾ سني علماء ڪائونسل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد: صدر عارف علوي اجلاس جي صدارت ڪندي

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو مقصد هڪ اهڙو سياسي پليٽ فارم جوڙڻ هو: شرجيل انعام

شهيد ڀٽو جو نقطهٔ نظر روايتي سياست کان بالاتر ۽ سماجي، معاشي انصاف لاءِ پرعزم هيو

ترقي پسند سڌارا متعارف ڪرايا، انهن جو مقصد سماج جي پٺتي پيل طبقن کي بهتر بڻائڻ هو

بلاول ڀٽو زرداري شهيد ڀٽو جي جمهوري قدرن ۽ سماجي انصاف واري عزم کي اڳتي وڌائي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) پيپلز پارٽي جي اڳواڻ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ هڪ بلند ترين شخصيت آهي. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي باني جي حيثيت ۾، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو مقصد هڪ اهڙو سياسي پليٽ فارم جوڙڻ هو، جيڪو عام ماڻهن جي حقن جو تحفظ ڪري. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سالگرهه جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ پيپلز پارٽي اڳواڻ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته شهيد ڀٽو جو نقطهٔ نظر روايتي سياست کان بالاتر ۽ سماجي، معاشي انصاف ۽ عوام کي بااختيار بڻائڻ لاءِ پرجوش عزم هو شهيد ڀٽو جيڪي ترقي پسند سڌارا متعارف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪراچي: ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب ۽ ٻيا پ پ اڳواڻ شهيد ذوالفقار جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيندي

فيڊرل بورڊ آف روينيو 1221 ارب رپيا ٽيڪس وصول ڪري رڪارڊ قائم

6 ماهي يعني جولاءِ کان ڊسمبر تائين پهريون ڀيرو (هڪ هزار ارب) کان مٿي ٽيڪس گڏ ڪيو

وصولي جو ٽارگيٽ 1216 ارب رپيا مليو هو پر اسين ٽارگيٽ کان 5 ارب روپيا مٿي ٽيڪس گڏ ڪئي

معيشت کي معاشي بحرانن مان ڪڍڻ لاءِ حڪومتي ڪوششن ۾ حصو وٺڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) لارج ٽيڪس پيئرز آفيس ڪراچي پهريون ڀيرو جولاءِ کان ڊسمبر 2023ع دوران 1221 ارب رپيا ٽيڪس وصول ڪري رڪارڊ قائم ڪيو آهي، هلندڙ مالي سال جي پهرين 6 ماهي يعني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

مذهبي آزاديءَ لاءِ ڳڻتي جوڳن ملڪن جي لسٽ جاري، پاڪستان به شامل

آمريڪي پرڏيهي کاتي جي ساليانِي مذهبي آزاديءَ جي رپورٽ ۾ پاڪستان ”خاص ڳڻتي“ وارن ملڪن جي فهرست ۾ شامل

روس، چين، ايران، سعودي عرب، الجزائر، آذربائيجان، وچ آفريقي ڪمرروس ۽ ويتنام به خاص واچ لسٽ ۾ نامزد

واشنگٽن (م د) آمريڪي پرڏيهي کاتي ساليانِي مذهبي آزادي جي رپورٽ جاري ڪري ڇڏي، آمريڪي پرڏيهي کاتي جي ساليانِي مذهبي آزاديءَ جي رپورٽ ۾ پاڪستان ”خاص ڳڻتي“ وارن ملڪن جي فهرست ۾ شامل آهي، ان کانسواءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اليڪشن جي حوالي سان سينيٽ جي ٺهراءَ جي ڪا به آئيني حيثيت ناهي: نثار کهڙو

سينيٽ چونڊن ملتوي ڪرڻ جي آئوٽ آف ٽرن قرارداد پيش ٿيڻ جي اجازت ڏئي سازش ۾ سهولت ڪئي

12 ميمبرن پاران ٺهراءَ منظور ڪرڻ سان چونڊون ملتوي نه ٿيون ٿي سگهن ملڪ کي عوامي نمائندن حوالي ڪيو وڃي

آئيني طور تي نگران حڪومت 3 مهينن کان وڌيڪ اقتدار ۾ نه ٿي رهي سگهي، اليڪشن نه ڪرائڻ لاءِ جواز مضبوط ناهي

ڪراچي (رپورٽر) پ پ سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو چٽن لفظن ۾ چيو آهي ته سينيٽ ۾ 8 فيبروري جي چونڊن کي ملتوي ڪرڻ جي منظور ٿيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پنوعاقل ڀرسان مسافر ڪوچ ڪلٽي، 3 ڄڻا فوت، 17 کان وڌيڪ زخمي

سکر (رپورٽر) پنوعاقل ڀرسان مسافر ڪوچ ڪلٽي ٿيڻ جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا فوت ٿي ويا، 17 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

حيدرآباد: پيپلز ليبر بيورو سنڌ جنرل سيڪريٽري سيد فياض شاهه ۽ ٻيا ذوالفقار ڀٽو جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪٽيندي

اسٽيبلشمينٽ ئي آمريڪا جي دٻاءَ تي حڪومت ڪيرائي: عمران خان

ليول پليئنگ فيلڊ ته پري جي ڳالهه، اسٽيبلشمينٽ پي ٽي آءِ کي شروع کان فيلڊ ڏيڻ لاءِ ئي تيار ناهي

گذريل سال مارچ ۾ سپريم ڪورٽ جي واضح حڪم باوجود پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه ۾ چونڊون نه ڪرايون ويون

راولپنڊي (م د) راولپنڊي جي اڏيالا جيل ۾ قيد تحريڪ انصاف باني عمران خان برطانوي رسالي ”دي اڪانامسٽ“ ۾ مضمون لکيو آهي ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر اهو الزام ورجايو آهي ته اسٽيبلشمينٽ ئي آمريڪا جي دٻاءَ ۾ سندس حڪومت ڪيرائي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق سان گڏيل قومن ۾ پاڪستاني سفير منير اڪرم ملاقات ڪندي

بلاول ڀٽو زرداري جو لاهور جي تڪ ۾ پارٽي اليڪشن آفيس جو دورو

گرين ٽائون پهچڻ تي سوين ڪارڪنن پاران پارٽي چيئرمين جو شاندار استقبال

اشرافيا جي مافيا کي ٽوڙڻ لاءِ لاهور آيو آهيان: بلاول ڀٽو زرداري

ڪراچي (رپورٽر) پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو اين اي 127 ۽ پي پي 162 لاهور جي اليڪشن آفيس جو دورو، گرين ٽائون پهچڻ تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

آئين خلاف ڪو فيصلو ۽ ٺهراءُ قبول نه هوندو: خورشيد شاهه

چونڊن کان فرار ٿيڻ جو عمل ملڪ کي بحران ۾ وجهي سگهي ٿو

وڏين جماعتن جي غير موجودگي ۾ ٺهراءَ پيش ڪرڻ جو ڪو جواز نه هو

اسلام آباد (م د) پ پ اڳواڻ خورشيد شاهه چيو آهي ته آئين خلاف ڪو فيصليو يا ڪو ٺهراءُ قبول نه هوندو. سينيٽ ۾ چونڊون ملتوي ڪرڻ بابت ٺهراءُ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سي اين جي اسٽيشنز کي گئس جي فراهمي معطل ڪرڻ جو فيصلو

پشاور ريجن جي سڀني سي اين جي اسٽيشنز کي گئس جي فراهمي معطل ڪئي ويندي: سوئي ناردرن

فيصلو گهريلو واهپيدارن کي گئس جي طلب ۾ واڌ سبب ڪيو ويو آهي

پشاور (م د) سي اين جي اسٽيشنز کي گئس فراهمي معطل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. پشاور ريجن جي سڀني سي اين جي اسٽيشنز کي گئس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

نواز شريف جي ڪاغذن تي اعتراض، ٻڌڻي 8 جنوري تائين ملتوي

نواز شريف طرفان بئريسٽر جهانگير جدون ٽربيونل ۾ پيش ٿيو

سپريم ڪورٽ جي فيصلي جو انتظار آهي: اليڪشن ٽربيونل

ايبٽ آباد (م د) ايبٽ آباد ۾ اليڪشن ٽربيونل مسلم ليگ ن جي اڳواڻ اڳوڻي وزيراعظم ميان نواز شريف جي نامزدگي ڪاغذن تي اعتراض واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ماڻهن کي چور چوندڙ عمران خان چورن جو پيءُ نڪتو: پرويز خٽڪ

پي ٽي آءِ باني جي گهروارن قومي خزاني کي ٻنهي هٿن سان لُٽيو

عمران خان کي تڪبر ٻوڙيو، هن مخلص دوستن جي صلاحن تي ڪڏهن عمل نه ڪيو

نوشهرا (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف پارليامينٽيرينز جي سربراهه پرويز خٽڪ چيو آهي ته ماڻهن کي چور چوندڙ عمران خان پاڻ چورن جو پيءُ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير عتيق احمد تقريب کي خطاب ڪندي

عمر ايوب کي اليڪشن وڙهڻ جي اجازت ملي وئي

تڪ اين اي 18 هري پور تان نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا ويا

اعتراض واپس وٺڻ کانپوءِ اميدوارن کي اجازت ڏني وئي

ايبٽ آباد (م د) اليڪشن ڪميشن ٽربيونل پي ٽي آءِ اڳواڻ عمر ايوب کي اليڪشن وڙهڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي، ريٽرننگ آفيسر تحريڪ انصاف/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

پي ٽي آءِ باني جا الزام بي بنياد آهن، ڪنهن جي حمايت ناهيون ڪندا: آمريڪا

پاڪستان جي مستقبل جي قيادت جو فيصلو پاڪستان عوام کي ڪرڻو آهي

آمريڪا پاڪستان ۾ ڪنهن به هڪ اميدوار يا پارٽي کي اهميت ناهي ڏيندو، دلچسپي جمهوري عمل ۾ آهي

واشنگٽن (م د) آمريڪي پرڏيهي کاتي جي ترجمان ميٿيو ملر چيو آهي ته پاڪستان جي مستقبل جي قيادت جو فيصلو پاڪستان عوام کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اڳوڻي وفاقي وزير مراد سعيد خلاف نئين نيب انڪوائري شروع

ان حوالي سان نيب اليڪشن ڪميشن کي خط به لکي ڇڏيو

مراد سعيد مفرور ۽ ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گهربل آهي: نيب

سوات (م د) قومي احتساب بيورو (نيب) اڳوڻي وفاقي وزير مراد سعيد خلاف نئين انڪوائري شروع ڪري ڇڏي آهي، ذريعن موجب نيب تحريڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي: ابراهيم حيدري ۾ گهر اندر فائرنگ، ماءُ ۽ ڌيءُ قتل

جوابدارن گهر ۾ گهڙي ماءُ ۽ ڌيءُ کي قتل ڪيو: ايس ايس پي ملير

شروعاتي طور واقعو ذاتي دشمني جو نتيجو لڳي ٿو، جاچ ڪيون پيا

ڪراچي: ابراهيم حيدري ۾ گهر اندر فائرنگ، ماءُ ۽ ڌيءُ قتل، لاش اسپتال منتقل ڪيا ويا. ريسڪيو ذريعن موجب ممتاز زال محبوب عالم ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

آئين کي ايترو ڏکيو نه بڻايو وڃي ته ماڻهو پنهنجون شيون وڃائي ويهي: چيف جسٽس

نيب قانون ۾ سزا 10 سال هئي، آئين عوام لاءِ آهي وڪيلن لاءِ ناهي، آئين کي سادو بڻايو وڃي

فيصلو ڪيو آهي ته چونڊن بابت انفرادي ڪيس نه ٻڌنداسين، آئين جي تشريح بابت ڪيس ٻڌنداسين

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) اسلام آباد: سپريم ڪورٽ آئين جي آرٽيڪل 62 ون ايف جي تشريح واري ڪيس ۾ وڪيلن جا دليل ٻڌڻ کانپوءِ فيصلو محفوظ ڪري ورتو سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ آرٽيڪل 62 ون ايف جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اعليٰ تعليم ۽ ذهين شاگردن جي مستقبل کي سنوارڻ لاءِ گڏيل ڪوششون ڪرڻ گهرجن: وڏو وزير جسٽس باقر

ملڪ جي فڪري سرمائي ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ جي ضرورت آهي جيڪي سماج ۾ پنهنجو حصو وجهندڙ ذهين شاگردن کي اڳتي وڌائيندا

JFF_UGI پاران IBA جي اسڪول آف ڪمپيوٽر سائنس اينڊ ميٿميٽڪس کي 1.5 ملين ڊالر جي عمارت تحفي ۾ ڏني وئي آهي

سخاوت جو هي عمل نه رڳو مالي مدد پر قوم جي دانشورانه سرمائي ۾ هڪ اهم سيڙپڪاري آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر چيو آهي ته ملڪ جي فڪري سرمائي ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ جي ضرورت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪراچي: سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر تقريب کي خطاب ڪندي

سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ڪٿي تيز ته ڪٿي هلڪي برسات، ٿر ۾ زلزلي جا لوڏا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ڪٿي تيز ته ڪٿي هلڪي برسات، ٿڌ ۾ واڌ، اسڪولز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ٽانڪ ۾ سيڪيورٽي فورسز انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪندي ٻن دهشتگردن کي ماري ڇڏيو

انٽيليجنس بيسڊ آپريشن دوران سخت فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ٻه دهشتگرد مارجي ويا آهن: ذريعا

ڊيرا اسماعيل خان ۾ دهشتگرد حملن ۾ ملوث هجڻ سان گڏ شهرين جي قتل ۽ ڀتي خوري ۾ به ملوث هو

راولپنڊي (م د) ٽانڪ ۾ سيڪيورٽي فورسز انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪندي ٻن دهشتگردن کي ماري ڇڏيو آءِ ايس پي آر موجب سيڪيورٽي فورسز ٽانڪ ضلعي ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو ان دوران سخت فائرنگ جي ڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

وفاقي حڪومت پاران ڪي اليڪٽرڪ سان نئين سر معاهدو طئي ڪرڻ جو فيصلو

ڪي اليڪٽرڪ ۽ حڪومت وچ ۾ معاهدي جي مسودي ۾ اڳڀرائي ٿي آهي: ناڻي واري وزارت

ڪي اليڪٽرڪ مان ٽيرف ڊيفرنشل سبسڊي معاهدي جو مسودو گذريل مهيني منظور ڪيو ويو آهي

قانون واري وزارت ڪي اليڪٽرڪ سان معاهدي جي مسودي کي قانوني قرار ڏئي ان جي منظوري ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وفاقي حڪومت ڪي اليڪٽرڪ سان نئين سر معاهدو طئي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ناڻي واري وزارت جي ذريعن جو ٻڌائڻ آهي ته ڪي اليڪٽرڪ ۽ حڪومت وچ ۾ معاهدي جي مسودي ۾ اڳڀرائي ٿي آهي. ذريعن موجب، ڪي اليڪٽرڪ مان ٽيرف ڊيفرنشل سبسڊي معاهدي جو مسودو گذريل مهيني منظور ڪيو ويو. اي سي سي معاهدي جي مسودي تي قانون واري وزارت سان به مشاورت جي هدايت ڪئي. توانائي وزارت جي ذريعن جو چوڻ آهي ته قانون واري وزارت سبسڊي واري معاهدي جي قانوني نڪتن جو جائزو ورتو. قانون واري وزارت ڪي اليڪٽرڪ سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

96
سلام قائد عوام
ڳڙهي خدا بخش: آصف ڀٽو زرداري شهيدن جي مزار تي حاضري وقت فاتح خواني دعا گهرندي

مون تي ڏنڊ لڳائڻ ۽ ڪردار ڪشي ڪندڙن جو وياج سميت احتساب ٿيندو: فيصل واوڊا

الله تعاليٰ جو احسان آهي ڪنهن جو ناهي، بيوقوف ناهيان، مون کي انصاف تي يقين آهي

احتساب ته انهن جو به ٿيندو، سود سميت ان لاءِ مون کي 20 سال ئي انتظار ڇو نه ڪرڻو پوي

ته لولي لنگڙي ن ليگ جو وزيراعظم انهيءَ واوڊا ڪلهي جو سهارو وٺي اقتدار ۾ اچي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻي سينيٽر فيصل واوڊا چيو آهي ته مون تي ڏنڊ لڳائڻ ۽ ڪردار ڪشي ڪندڙن جو وياج سميت احتساب ٿيندو سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ايڪس (اڳوڻي ٽوئٽر) تي پنهنجي بيان ۾ فيصل واوڊا چيو ته مون تي الله تعاليٰ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

شاهه محمود، زين قريشي ۽ حليم عادل کي به چونڊ وڙهڻ جي اجازت ملي وئي

ٽربيونل شاهه محمود قريشي ۽ زين قريشي جا ٿرپارڪر مان نامزدگي ڪاغذ منظور ڪري ورتا

اليڪشن ٽربيونل جي جج جسٽس عدنان الڪريم ميمڻ ٻڌڻي هلائيندي آر او جا اعتراض رد ڪري ڇڏيا

ڪراچي (رپورٽر) شاهه محمود قريشي ۽ زين قريشي جا ڪاغذ منظور ٿي ويا، جڏهن ته حليم عادل کي به اليڪشن وڙهڻ جي اجازت ملي وئي. اليڪشن ٽربيونل تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي ۽ سندس پٽ زين قريشي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

چونڊون ڪرائڻ يا اهي ملتوي ڪرڻ جو اختيار رڳو اليڪشن ڪميشن وٽ آهي: مرتضيٰ سولنگي

سينيٽ ۾ چونڊون ملتوي ڪرڻ جي ٺهراءَ تي دليل ڏيڻ جو موقعو نه مليو، اهو اليڪشن ڪميشن جو اختيار آهي

وزيراعظم يا ڪابينا طرفان ان حوالي سان ڪو حڪم نه هو، ڪنهن آئيني اداري جي معاملن ۾ مداخلت نٿا ڪري سگهون

ٺهراءَ ۾ حقيقي مسئلا پيش ڪيا ويا آهن، پارلياماني سياست ۽ چونڊن جي تاريخ ۾ اهي مسئلا اڳ به موجود رهيا

اسلام آباد (م د) سينيٽ ۾ چونڊون ملتوي ڪرڻ جي ٺهراءَ تي وفاقي حڪومت جو موقف سامهون اچي ويو پارليامينٽ هائوس ٻاهران ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

حيدر آباد: پاڪستان مسلم ليگ (ن) سنڌ جو صدر بشير ميمڻ ڊاڪٽر قادر مگسي سان ملاقات ڪندي

شهباز جي منظوري ۽ حماد جا ڪاغذ رد ڪرڻ تي نوٽيس

لاهور (م د) قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 132 تي مسلم ليگ ن جي صدر شهباز شريف جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سنڌ ۾ هر وڏو وزير سنڌي ۽ بلوچستان ۾ بلوچ رهيو آهي: مصطفيٰ ڪمال

جڏهن ماڻهن کي محروم ڪندئو ته دهشتگردي جون فيڪٽريون ٺهنديون، اسان جو منشور رڳو مسئلا نه پر انهن جو حل به ٻڌائي ٿو

هزارين ارب رپيا بلوچ وڏي وزير هٿان خرچ ٿيا، سنڌ ۾ به هزارين ارب رپيا سنڌي وڏي وزير هٿان خرچ ٿيا

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سينيئر ڊپٽي ڪنوينر مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته جڏهن ماڻهن کي محروم ڪندئو ته دهشتگردي جون فيڪٽريون ٺهنديون. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مصطفيٰ ڪمال ايم ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

"ڪارپوريٽ فارمنگ جي آڙ ۾ زمينن تي قبضا نامنظور" دادو ۾ عوامي تحريڪ پاران مظاهرو بڪ هڙتال

بي زمين هارين کي زمينون ڏيو ۽ بي گهر ماڻهن کي گهر ٺهرائي گهرن جا مالڪاڻا حق ڏيو، عوامي تحريڪ جي بڪ هڙتال ۾ مطالبو

ٻوڏ متاثرن کي گهر ناهن مليا، سخت سيءَ ۾ ماروئڙا کليءَ آسمان هيٺ ويٺا آهن، کير بہ واهر ڪرڻ وارو ناهي : اڳواڻ

گهر ٺهرائي ڏيڻ وارا ڪروڙين روپيا متاثر ماڻهن کي ملڻ بدران هڙپ ڪيا ويا آهن، عدالتي جاچ ڪميشن جوڙي وڃي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ڪارپوريٽ زرعي فارمنگ جي تالي ۾ سنڌ جي زمينن جي نيلامي، ڪارونجهر جي ڪٽائي ۽ گرڪ تي قبضن ۽ افغانين سميت غير ملڪين کي ٺيڪالي نہ ڏيڻ خلاف عوامي تحريڪ طرفان دادو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

دادو: عوامي تحريڪ پاران ريلي ڪڍي پئي وڃي

ٽنڊو باگو ۾ باگو واهه جي ٻنهي ڪپرن تي غير قانوني حد دخلين جو آزار وڌي ويو

ٽنڊو باگو (رپورٽ:_ رفاقت جروار) ٽنڊو باگو شهر جي روڊن ۽ شهر مان گذرندڙ باگو واهه جي ٻنهي ڪپرن تي غير قانوني حد دخلين جو آزار وڌي ويو، هيوي ٽريفڪ بہ بائي پاس بدران وچ شهر مان گذرڻ لڳي، دڪاندارن بہ پنهنجا سامان دڪانن بجاءِ روڊن تي سٽي ڇڏيا، وينن جا اڏا بہ غير قانوني روڊن تي قائم، انتظاميا طرفان حد دخلين خلاف ڪارروائيون صرف ريڙهي وارن کي هٽائڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز ۾ سول اسپتال کان پوليو جي جاڳرتا مهم بابت ريلي

8 جنوري 2024 کان پوليو مهم جو آغاز ٿي رهيو آهي : ڊاڪٽر بدرالدين ابڙو

ڪو بہ ٻار پوليو جهڙي خطرناڪ مرض ۾ مبتلا ٿي ويو تہ سڄي عمر لاءِ معذور بڻجي ويندو

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز ۾ سول اسپتال کان پوليو جي جاڳرتا مهم جي حوالي سان ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ عوام جي آگاهي لاءِ پوليو واڪ ڪيو ويو جنهن اڳواڻي ڊپٽي ڪمشنر ارسلان سليم ۽ DHO نوشهروفيروز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

هر ڏکي وقت ۾ عوام جو ساٿ ڏنو آهي : امتياز احمد شيخ

پي ايس_7 امتياز احمد شيخ ۽ اين اي_193 اميدوار شهريار خان مهر پاران دورا ڪيا ويا

چڱن مڙسن، معززين، همدردن ۽ ڳوٺاڻن جي شرڪت، اليڪشن ۾ ڀرپور مدد ۽ ساٿ ڏيڻ جو اعلان

اسان هميشہ عوام جي خدمت ڪئي آهي، 8 فيبروري تي تير کي ٽپوهٽي ڪامياب ڪندا

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) اليڪشن مهم جي سلسلي ۾ پيپلزپارٽي اميدوار پي ايس_7 امتياز احمد شيخ ۽ اين اي_193 اميدوار شهريار خان مهر جون، بيڪاري ۽ حاجاڻا پولنگ اسٽيشنن جي مختلف ڳوٺن جا گڏيل دورا ۽ ورڪ ڪئي . مختلف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٺٽو ۾ چيئرمن ميونسپل ڪميٽي ٺٽو جي چيئرمن ادا محمد ميمڻ جي صدارت ۾ تعزيتي ميڙاڪو ٿي گذريو

ٺٽو(رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) گذريل ڏينهن ميونسپل ڪميٽي ٺٽو ۾ چيئرمين ميونسپل ڪميٽي ٺٽو جي چيئرمن ادا محمد ميمڻ جي صدارت ۾ تعزيتي ميڙاڪو ٿي گذريو جنهن ۾ وائيس چيئرمين ميونسپل ڪميٽي ٺٽو عبدالعزيز ميمڻ (پڪيٽو) سميت ٺٽي شهر مان چونڊيل ڪائونسلرن ۽ اسٽاف شرڪت ڪئي انهي موقعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

شڪارپور: امتياز شيخ ۽ شهريار مهر ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

شهدادڪوٽ ۾ يوريا پاڻ نہ ڏيڻ ۽ پنهنجي من پسند ماڻهن کي پاڻ ڏيڻ خلاف مظاهرو

هارين ۽ آبادگارن کي يوريا پاڻ نہ ڏيڻ ۽ پنهنجي من پسند ماڻهن کي پاڻ ڏيڻ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو

اسسٽنٽ ڪمشنر محسن شيخ ۽ مختيارڪار عنايت الله جمالي يوريا پاڻ ساڳئي واپارين کان پيسا وٺي واپس ڪيو آهي : مظاهرين

چند من پسند ماڻهن کي پاڻ ڏنو آهي اسان جو مطالبو آهي اسان کي يوريا پاڻ ڏنو وڃي ۽ هن ڪرپٽ آفيسرن کي هٽايو وڃي

شهدادڪوٽ(ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيار ڪار پاران هارين ۽ آبادگارن کي يوريا پاڻ نہ ڏيڻ ۽ پنهنجي من پسند ماڻهن کي پاڻ ڏيڻ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو. مظاهرين راجا الطاف پٽي، امير چانڊيو ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

پريارو ڀرسان ڳوٺ محراب خان هيسباڻي ۾ مچ ڪچهري

هيسباڻي برادري سميت آسپاس جي مختلف ڳوٺن مان سوين ماڻهن جي شرڪت

سگهڙن ڏور، بيت، پروليون ۽ ڳجهارتون ٻڌائي ويٺلن کي ڪيرو ڪندي خوب داد ماڻيو

سگهڙ مچ ڪچهري ۾ آيل مهمانن جي مان ۾ لنگر جو بندوبست پڻ ڪيو ويو

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) پريارو ڀرسان ڳوٺ محراب خان هيسباڻي ۾ فقير قمبر علي هيسباڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

اسان صحافين سماجي مذهبي سياسي ڪارڪنن کي درپيش مشڪلاتن کان چڱي ريت واقف آهيون : ڪميل حيدر شاهه

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) ضلعي ڪائونسل سکر جي چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه وفد سان گڏ سکر پريس ڪلب، سکر يونين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

شڪارپور: سگهڙ ڪچهري دوران اڳواڻ ويٺل آهن

گهوڙاباري تعلقي جي يوسي جاڙادالي جا ڳوٺ بنيادي سهولتن کان محروم

صحت تعليم پاڻي گئيس پڪي روڊ جي تعمير نہ ٿيڻ ڪري هتان رهواسين ڪيتري پريشاني جو منهن ڏيڻو پوي ٿو : رهواسي

ڊسپينسري نہ هئڻ ڪري ڊليوري دوران روڊ ڳڀڙي جيڏا ڪڏا هوندا آهن جنهن ڪري ڪيترين ڳورهارين عورتون اسپتال نہ ٿيون پهچي سگهن

مٺي پاڻي جي سپلائي مهيا نہ هئڻ ڪري ڳوٺاڻا ڪاروپاڻي پيئڻ تي مجبور بڻجي مختلف وچڙندڙ بيمارين ور چڙهي ويندا آهن

گهوڙاباري (رپورٽر) گهوڙاباري تعلقي جي يوسي جاڙادالي جا ڳوٺ بنيادي سهولتن کان محروم ڳوٺ وڏيرو محمد حنيف جاڙو ڳوٺ سيد بچل شاهه ڳوٺ سومار ماڇريو ۽ حاجي قادربخش جاڙو ۾ پڪي روڊ ۽ صحت جي نعمت کان وانجهيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سکر ۾ سرسو پاران پروجيڪٽ جي اختتامي تقريب ۽ سبق آموز ورڪشاپ منعقد

سرسو پراجيڪٽ جي ڪارڪنن ڪم ڪرڻ دوران حاصل ٿيل تجربن ۽ انهن آڌار مفيد ڳالهيون سکڻ وارا واقعا بيان ڪيا

ڊائريڪٽر فياض شاهه آن لائن طريقي سان ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪندي منصوبي جي مقصدن ۽ حاصلات بابت ويچار ونڊيا

سرسو ڪارڪنن ۽ مختلف شعبن جي انچارجن جي ڪم کي ساراهيو، انچارجن ڪارڪردگي ۽ يادگاري شيلڊز ڏنيون ويون

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سرسو پاران پروجيڪٽ جي اختتامي تقريب ۽ سبق آموز ورڪشاپ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

دادو: ڊاڪٽر زاهد حسين کهڙو ۽ ڊاڪٽر امجد مستوئي پاران پريس ڪلب ۾ ڌار ڌار پريس ڪانفرنس

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ڊاڪٽر زاهد حسين کهڙو ۽ ڊاڪٽر امجد مستوئي جي دادو پريس ڪلب ۾ ڌار ڌار پريس ڪانفرنس هڪ ٻئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

PROJECT CLOSING
&
SRSO

سکر: ورڪشاپ دوران ناري کي ايوارڊ ڏنو پيو وڃي

سيتاڄا ۾ مخدوم شاهه محمود قريشي جي تذليل ڪرڻ واري عمل خلاف ريلي

ايڊووڪيٽ مير مهراڻ خان ٽالپر، طالب حسين سهتو، فقير راجا سهتو، اعجاز علي سهتو، عاشق علي ٽالپر ۽ ٻين ريلي ڪڍي

غوثيہ جماعت پاران مخدوم شاهه محمود قريشي جي آزادي لاءِ هنگورجا ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

مخدوم شاهه محمود قريشي جي تذليل لکين مريدن ۽ پارٽي ورڪرن جي توهين آهي ۽ اهڙو سلوڪ ڪيو وڃي ٿو : مظاهرين

سيتاڄا(رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي مرڪزي اڳواڻ، سابق وفاقي وزير ۽ درگاهه غوثيہ جي سجاده نشين مخدوم شاهه محمود قريشي جي ڪيس مان ضمانت ٿيڻ جي باوجود پوليس پاران ڪيس تذليل جو نشانو بڻائي گرفتار ڪرڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

نئون ديرو ۾ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 96 هين سالگره، ڀيٽا پيش

ذوالفقار علي ڀٽو جي 96 هين سالگره شهيدن جي شهر ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

پ پ ضلعي لاڙڪاڻي جي عهديدارن ضلعي صدر خورشيد احمد جوڻيجو، سينئر نائب صدر نثار محمد مراد ڀٽو ۽ ٻين جي شرڪت

تقريب دوران اڳواڻن شهيدن جي مزارن تي گلن جون چادرون چاڙهيون ۽ قل پڙهيا، ملڪ جي بهتري خاطر دعا خير گهري وئي

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود ڀٽو) نئون ديرو فخر ايشيا ايٽم بم جي باني شهيد جمهوريت قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 96 هين سالگره شهيدن جي شهر ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي، جنهن ۾ پ پ ضلعي لاڙڪاڻي جي عهديدارن شرڪت ڪئي، جتي شهيدن جي روح کي ايصال ثواب پهچائڻ لاءِ قرآن خواني پڻ ڪئي وئي، جڏهن تہ پ پ ضلعي لاڙڪاڻي جي عهديدارن ضلعي صدر خورشيد احمد جوڻيجو، سينئر نائب صدر نثار محمد مراد ڀٽو جنرل سيڪريٽري ۽ ضلعي ڪائونسل لاڙڪاڻو جو چيئرمين اعجاز احمد لغاري، سابق چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

نئون ديرو: شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي مزار تي گل چاڙهيا پيا وڃن

سکر: اپيليٽ ٽربيونل پاران اميدوارن جا رد ٿيل نامزدگي فارم بحالي لاءِ ٻڌڻي

پ پ اميدوار نعمان اسلام الدين شيخ ۽ ٻين اميدوارن تي اعتراض وارين درخواستن تي فيصلو محفوظ

علي گوهر ڪوسو جي نامزدگي فارم بحالي بابت درخواستن تي 9 جنوري تي فيصلو محفوظ ڪيو ويو

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) اپيليٽ ٽربيونل پاران اميدوارن جا رد ٿيل نامزدگي فارم بحالي لاءِ ٻڌڻي ٿي، سکر اپيليٽ ٽربيونل بينچ جسٽس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

پيپلزپارٽي چونڊن ۾ سرپرائيز ڏيندي : ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي

شهيد ذوالفقار ڀٽو ڪنهن هڪ فرد يا هڪ پارٽي جو ليڊر نہ پر اسان سڀني جو قائد هو

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هڪ بهادر ليڊر سان گڏ هڪ بهترين شخصيت جو مالڪ هو

ڪراچي(رپورٽر) پاڪستان پيپلزپارٽي جي سينئر اڳواڻ چند آڏواڻي ۽ ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 96 هين سالگره /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوشهروفيروز: ڪئميرامين احمد خان سولنگي ۽ ڪئميرامين ظفر ڪار حادثي ۾ فوت

سنڌن جنازا نماز ڳوٺ سنڌن اباڻي ڳوٺ ٺاروشاهه ڀرسان ڳوٺ ملوخان سولنگي ۾ ادا ڪئي وئي

معاملي جو نوٽيس وٺي منهنجي پٽ کي پي ٽي وي ۾ سن ڪوٽا جي نوڪري ڏني وڃي : والد

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) ڪوئيٽا کان ڪراچي ايندي پاڪستان ٽيليويزن ڪوئيٽا جي سينٽر جي چيف ڪئميرا مين احمد خان سولنگي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نوشهروفيروز: روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويل جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

سول اسپتال مڪلي ۾ عوامي ڄاڻ لاءِ پوليو مهم بابت ريلي

ريلي ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ۽ ٻين اڳواڻن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

هيلٿ آفيسر ٺٽو ڊاڪٽر سيد صفدر شاهه امير خاني ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

ٺٽو(رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ)سول اسپتال مڪلي ۾ عوامي ڄاڻ لاءِ پوليو مهم جي حوالي سان هڪ ريلي ڪڍي وئي، ريلي سول اسپتال مڪلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

شڪارپور: سنڌ فوڊ اٿارٽي پاران اسٽور گنج روڊ تي هڪ ڪارروائي

عملدارن ڪارروائي دوران 400 ڪلوگرام سينور لڳل اچار ضبط ڪري ورتي

ٽيم سينور لڳل اچار وڪرو ڪندڙن تي هڪ لک رپيا ڏنڊ بہ لڳايو

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين جي هدايت تي ڊپٽي ڊائريڪٽر آپريشن ضلعو شڪارپور سعيد احمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سکر جي الف ڪچي جا بدنام ڌوهاري پڪي تي ڪاهي پيا، هڪ قتل

ڌوهاري ڪلاشن ڪوفن جا ڪڙڪا ڪري پاڳين جي گهرن ۾ گهڙي مٿان ڪنٽرول ڪري ويا

مزاحمت تي ڏهن کان وڌيڪ ڌوهاري جي ٽولي سان 2 سڳا ڀائر رڃڙي ويا، هڪ مارجي ويو

سکر(رپورٽر)سکر جي الف ڪچي جا بدنام ڌوهاري پڪي تي ڪاهي پيا گهر ڏٺي پاڳين مٿان ڪلاشن ڪوف جا منهن کولي ڇڏيا سياري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٺٽي ۾ پاڃين، مرغي جي گوشت سميت عام واهپي جي شين جي اگهن ۾ واڌ

مڪلي سميت سموري ضلعي ۾ ڪڪڙ جي گوشت جو اگهه 620 کان وڌي 740 رپيا ٿي ويو

اگهه وڌائيندڙ واپارين ۽ ذخيره اندوزن خلاف جلد کان جلد سخت ڪارروائي ڪئي وڃي : رهواسي

ٺٽو(رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽو ۽ مڪلي سميت سموري ضلعي ٺٽي ۾ پاڃين، مرغي جي گوشت سميت روزانو استعمال ٿيندڙ شين جي اگهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

شڪارپور ۾ جم خانہ جي رجسٽريشن ٿيڻ تي تقريب

هڪ تقريب ۽ صوفي محفل جو پروگرام منعقد ڪيو ويو

اسان کي گهرجي تہ دوستانہ ماحول بنائڻ لاءِ ٻوٽا پوکيون : اڳواڻ

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) شڪارپور جم خانہ جي رجسٽريشن ٿيڻ تي جم خانہ شڪارپور ۾ هڪ تقريب ۽ صوفي محفل جو پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ معزز شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، شڪارپور جم خانہ جي مقرر ٿيل ايڊمنسٽريٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

اسلام ڪوٽ پريس ڪلب جي چونڊ، ڪرشن سنگهہ صدر چونڊجي ويو

نائب صدر غازي بجير، جنرل سيڪريٽري مبارڪ بجير، خزانچي سڪندر بجير ۽ ٻيا مقرر

ورڪر رائيٽرز ۽ ٻين پريس ڪلب پهچي چونڊيل باڊي کي هار وجهي مبارڪون ڏنيون

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق بجير)اسلام ڪوٽ پريس ڪلب جي چونڊ ڪرشن سنگهہ صدر چونڊجي ويو. خبرموجب: پريس ڪلب اسلام ڪوٽ جي سالياني چونڊ زيرنگراني سينئر صحافين عبدالغني بجير اشوڪ شرما ۽ الطاف اسماعيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

شڪارپور: اين اي 193 جي اميدوار شهريار مهر جي پريس ڪلب آمد

پريس ڪلب جي سمورن ميمبرن کي مبارڪ هجي : شهريار مهر

2018 جي اليڪشن ۾ ساڳئي ٽڪ تان هو ڪامياب ٿيو هئس

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) اين اي 193 جي اميدوار شهريار مهر جي پريس ڪلب آمد، پريس ڪلب جي چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد ڏني/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

مخالف اميدوارن جو سڪون ئي برباد ڪري ڇڏينداسين : ارسلان بروهي

تحريڪ انصاف ٺٽي ضلعي جي ماڻهن جي حقيقي مالڪي ڪندڙ پارٽي آهي

عمران خان جو حقيقي آزادي وارو نعرو ماڻهن جي دلين اندر گهر ڪري چڪو آهي

ٺٽو(رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) اليڪشن ٽربيونل هاءِ ڪورٽ ڪراچي جي معزز عدالت پاڪستان تحرڪ انصاف ضلعي ٺٽي جي اڳواڻ اين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٽنڊو باگو ۾ مڙس زال سان ڪاوڙجي ڪارو پٿر پي ڇڏيو

تعلقہ اسپتال منتقل، ڳڀتي جوڳي حالت ۾ انڊس اسپتال بدين نيو ويو

نوجوان شادي ڪرڻ کانپوءِ ٽنڊو باگو ۾ پنهنجي ساهورين ۾ رهندو هو

ٽنڊو باگو(رفاقت جروار) ٽنڊو باگو ۾ مڙس زال سان ڪاوڙجي ڪارو پٿر پي ڇڏيو، تعلقہ اسپتال ٽنڊو باگو منتقل، جتان ڳڀتي جوڳي حالت ۾ انڊس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

بدين ۾ شهيد قائد عوام ذوالفقار ڀٽو جي 96 هين سالگره ملهائڻ واري تقريب

حاجي رمضان چانڊيو، ضلعي چيئرمين علي اصغر هاليپوٽو، محمد اسماعيل راهو، محمد صالح هاليپوٽو ۽ ٻين جي شرڪت

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو دنيا جو مڃيل ليڊر هو جنهن پنهنجي ملڪ ۽ قوم لاءِ جدوجهد ڪندي شهادت ماڻي : اڳواڻ

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي جنهن طريقي سان شهيد ڪيو ويو اها تاريخ ڪنهن کي بہ معاف نہ ڪندي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) پيپلزپارٽي جي باني چيئرمين شهيد قائد عوام ذوالفقار ڀٽو جي 96 هين سالگره ملهائڻ واري تقريب، بدين ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ پيپلزپارٽي جي ضلعي قيادت پيپلزپارٽي جي ڪارڪنن جيالن عورتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

بدين: شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سالگره تقريب دوران اڳواڻ ويٺل آهن

گولاڙچي واسي ڀائرن پاران پريس ڪانفرنس، انصاف جي گهر ڪري ڇڏي

گولاڙچي(رپورٽر) گولاڙچي واسي ڀائرن پاران پريس ڪانفرنس، والد جي ذهن تي روڊ حادثي ڪانپوءِ ناڪاري اثر ٿيو آهي، مخالف ساٿهو ڪيس اسان جي خلاف ڦڙڪائي رهيا آهن . ڀائر خبر موجب گولاڙچي واسي ڀائرن گل شير پٽ عبدالقيوم ڪوسو، علي شير پٽ عبدالقيوم ڪوسو، رجب علي ولد عبدالقيوم ڪوسو پاران گولاڙچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٽنڊو ڄام ۽ ڀرپاسي ۾ وڌندڙ بدامني ۽ منشيات جي وڪري خلاف احتجاجي مظاهرو

ضلعي حيدرآباد جي صدر جان محمد جوڻيجو ممتاز سراز، ايوب ڏماچ جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڦرون چوريون ڌاڙا ٽنڊو ڄام ۾ روز جو معمول بڻيل آهن، پوليس روڪٿام لاءِ ناڪام بڻيل آهي : مظاهرين

ڦرلٽ ۽ منشيات کلي عام سبب ٽنڊو ڄام توڙي ڀرسگردائيءَ جي عوام غير محفوظ بڻجي وئي آهي

ٽنڊو ڄام(رپورٽر) ٽنڊو ڄام ۽ ڀرپاسي ۾ وڌندڙ بدامني ۽ منشيات جي وڪري خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي جو ٽنڊو ڄام پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو، سخت نعريبازي سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلعي حيدرآباد جي صدر جان محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دادو ۾ شهيد قائد عوام وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو جي 96 سالگره تقريب

شهيد کي ڀيٽا پيش ڪندي شهيدن جي روح کي ثواب دارين پهچائڻ لاءِ فاتح خواني ڪري دعا گهري وئي

7 جنوري آچر ڏينهن شام جو 4 وڳي دادو سٽي ۽ سومر ڏينهن 12 وڳي مجهند جو دادو تعلقہ جي ميٽنگ رکي وئي

ورڪرن دادو تعلقہ جي يوسي چيئرمين وائيس چيئرمين، ضلع ڪائونسلرن جي ميمبرن کي شرڪت لاءِ پابند ڪيو ويو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ايشيا جي عظيم ليڊر عوام خاطر شهادت ماڻيندڙ پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

دادو: شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سالگره تقريب دوران اڳواڻ ڪيڪ ڪاٽي رهيا آهن

ڪراچي ۾ صفورا ٽائون چيئرمين پاران مختلف يوسين جو دورو

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي ۾ صفورا ٽائون چيئرمين راشد خاصخيلي مختلف يوسين جو دورو ڪندي جوهر ڪمپليڪس بينظير ڀٽو پارڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سکر ۾ مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج سخت سردي باوجود 94 ڏينهن بہ جاري

وفاقي ۽ صوبائي حڪومت يا عدليہ ڪو بہ نوٽيس نہ ورتو سنڌ پوليس طاقتور ۽ بااثر اغوا ڪندڙن ظالمن ۾ هٿ وجهڻ لاءِ تيار ناهي : اڳواڻ

اسان 94 ڏينهن کان احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري مسلسل ڏينهن رات احتجاج جاري رکيو آهي پر دادرسي لاءِ ڪو بہ نہ پهتو آهي

سنڌ جي اغوا ڪيلن کي نجي قيدخانن مان بازياب ڪرايو وڃي ۽ ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ تڪڙا اپاءَ ورتا وڃن

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج سخت سردي باوجود 94 ڏينهن بہ جاري، وفاقي ۽ صوبائي حڪومت يا عدليہ ڪو بہ نوٽيس نہ ورتو سنڌ پوليس طاقتور ۽ بااثر اغوا ڪندڙن ظالمن ۾ هٿ وجهڻ لاءِ تيار ناهي، مغوين جي وارثن ۾ ڳڻتي برقرار. ان سلسلي ۾ انساني حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ ڊاڪٽر نذير کوکر جي اڳواڻي تڏ ۾ وڌي پشماني تي اضافي باوجود مچ ٻاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

دادو جي سماجي تنظيم سيتا سرجٺهار فورم پاران احتجاج جاري

ريلوي ٽريڪ تي 25 ڊسمبر 2023 تي بولان ميل مسافر ريل گاڏي هلائي ڇڏي آهي : اڳواڻ

ايم ايل 2 تي 20 جولاءِ 2023 تي موئن جو دڙو ايڪسپريس روهڙي کان ڪوٽڙي تائين بحال ٿي چڪي آهي

بولان ميل هلڻ بعد بہ باقي مسافر ريل گاڏين جي بحالي تائين جدوجهد جاري رهندي

دادو(رپورٽر) دادو جي سماجي تنظيم سيتا سرجٺهار فورم پاران مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ هلندڙ احتجاجي تحريڪ کي اڄ 336 ڏينهن مڪمل، هنن چيو تہ اسان جي جدوجهد جي نتيجي ۾ ڪاميابي ملي آهي ۽ وڌيڪ ريلويز اختيارين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نيشنل پريس ڪلب بدين جي جنرل باڊي جي اليڪشن

نيشنل پريس ڪلب بدين جي صدر، جنرل سيڪريٽري سميت سمورا عهديدار بغير مقابلي ڪامياب ٿي ويا

صدر(ايڊووڪيٽ) نفيس الرحمن ميمڻ، نائب صدر شيراز ميمڻ، جنرل سيڪريٽري رياض علي لاشاري چونڊيا ويا

شهر کي درپيش مسئلن تي غيرجانبدارنہ صحافت ذريعي هر مسئلي تي بي خوف ٿي آواز اٿاريندا رهنداسين : اڳواڻ

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) نيشنل پريس ڪلب بدين جي سال 2024 لاءِ نون عهديدارن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

NPC
National Press Club Badin

بدين: گڏجاڻي دوران اڳواڻ ويٺل آهن

خيرپور ناٿن شاهه سٽي توڙي ڀراڙين ۾ منشيات جو آزار وڌي ويو

خيرپور ناٿن شاهه(رپورٽر) خيرپور ناٿن شاهه سٽي توڙي ڀراڙين ۾ منشيات جهڙو موذي مرض تيزي سان ڦهلجي رهيو آهي، ۽ ٻيون سماجي برايون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

هر ٻار کي پوليو جا ڦڙا پيارايا وڃن : ڊي سي سانگهڙ

پنجن سالن کان گهٽ عمر جي هر ٻار کي پوليو جا ڦڙا پيارايا وڃن تہ جيئن ٻارن کي مستقبل ۾ ڪنهن بہ معذوريءَ کي منهن نہ ڏيڻو پوي

صحت کاتي جا آفيسر سمورين ٽيمن، يو سي ايم او ۽ ايريا انچارج جي ڀرپور نگراني ڪن ۽ پوليو مهم جي رپورٽ وقت تي پهچائين

5 لک 1 سئو 2 ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ لاءِ 1327 ٽيمون ٺاهيون آهن جيڪي گهر گهر وڃي ٻارن کي پوليو کان بچائڻ جا ڦڙا پياريندين

سانگهڙ(رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ ڊاڪٽر عمران الحسن خواجا صحت کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي آهي تہ پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آڻيندي ضلعي اندر پنجن سالن کان گهٽ عمر جي هر ٻار کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

اسان عوام جا محافظ آهيون، تحفظ ڪرڻ اسان جو فرض آهي : سهائي عزيز ٽالپر

اسان عوام جا محافظ آهيون ۽ اوهان جي جان مال جي حفاظت ڪرڻ اسان جو فرض آهي

جيستائين عوام پوليس هڪ ٻئي سان سهڪار نہ ڪندي تيستائين ڌوهاري گرفت ۾ نہ ٿا اچي سگهن

ڌوهاري وڏي چالاڪي سان ڦرلٽ ڪري رهيا آهن جن کي روڪڻ لاءِ هاڻي نئين حڪمت عملي جوڙي وئي آهي

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) ايس ايس پي نوشهروفيروز سهائي عزيز ٽالپر جي هدايتن تي پيٽرول پمپن تي وڌندڙ وارداتن ڪانپوءِ لغاري ٿاڻي جي ايس ڪرشن لال لالواڻي ٿاڻي جي حدن ۾ ايندڙ پيٽرول پمپ مالڪن مينيجر سان هڪ گڏجاڻي ڪئي جنهن ۾ پنهنجي سيڪيورٽي سان گڏ سي سي ٽي لڳرائڻ جو پابند بڻايو ويو ۽ چيو تہ اسان عوام جا محافظ آهيون ۽ اوهان جي جان مال جي حفاظت ڪرڻ اسان جو فرض آهي پر جيستائين عوام پوليس هڪ ٻئي سان سهڪار نہ ڪندي تيستائين ڌوهاري قانون جي گرفت ۾ نہ ٿا اچي سگهن. هن چيو تہ پيٽرول پمپن تي گارڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نوشهروفيروز: ايس ايس پي سهائي عزيز ٽالپر ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

سکر ۾ شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نہ ڪرڻ خلاف احتجاج جاري

يونين آف جرنلسٽ پاران سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نہ ٿيڻ خلاف 144 ڏينهن بہ احتجاج ڪيو ويو

144 ڏينهن گذرڻ باوجود شهيد صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي اڃان تائين گرفتار نہ ڪيو ويو آهي : مظاهرين

اسان اڳ بہ ۽ هاڻي بہ واضع ٿا ڪريون تہ جيستائين قاتل قانون جي ڪٺهڙي ۾ نہ ٿا آندا وڃن احتجاجي تحريڪ ختم نہ ڪنداسين

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ۾ شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نہ ڪرڻ خلاف سکر ۾ سخت سردي باوجود احتجاج 145 ڏينهن بہ جاري رکي قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو آهي جڏهن تہ اجلاس ۾ 13 جنوري تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

❊❊❊ روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ❊❊❊

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
چنڇر 06 جنوري 2024ع

دهشتگردي خطي جو گڏيل مسئلو آهي!

هونئن تہ دهشتگرديءَ جو اهم نشانو پاڪستان ۽ افغانستان رهندا آيا آهن پر هن پيري ايران کي بہ ڌماڪن سان ڌوڏيو ويو آهي. ايراني شهر ڪرمان ۾ اڳوڻي جنرل قاسم سليماني جي چوٿين ورسيءَ جي موقعي تي سندس مقبري ويجهو ٿيل ٻن ڌماڪن ۾ 103 ماڻهو مارجي ويا آهن، جڏهن تہ زخمين جو تعداد 200 کان وڌيڪ رپورٽ ٿيو آهي. خبرن موجب، پهرين ڌماڪي بعد امدادي ڪارڪن جيئن ئي پهتا تہ ٻيو ڌماڪو ڪيو ويو. بم ٻن ٿيلهين ۾ رکيل هئا، جن کي ريموٽ سان اُڏايو ويو. هيستائين ڌماڪن جي ذميواري ڪنهن بہ ڌر/تنظيم قبول نہ ڪئي آهي.

خطي ۾ هونئن تہ ايران گهڻي آمريڪي عتاب هيٺ رهيو ۽ ان پابنديون ڀوڳيون ۽ اڃا بہ ڀوڳي رهيو آهي پر خطي ۾ ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ ايران ۾ وري بہ ڪنهن حد تائين مانارا رهي آهي، جنهن کي ڌماڪن ذريعي ٽوڙيو ويو آهي. هي دهشتگردي ان وقت ٿي آهي جڏهن لبنان ۾ حماس جو اهم اڳواڻ لبنان ۾ اسرائيلي ڊرون حملي ۾ نشانو بڻيو آهي ۽ ايران ۾ دهشتگرديءَ کي لبنان ۾ ٿيل حملي سان جوڙي ڏٺو پيو وڃي. ڪي مبصران دهشتگرديءَ کي ايران لاءِ پيغام بہ سمجهي رهيا آهن. جنوري 2020 ع ۾ ايراني پاسداران انقلاب جي القدس فورس جي سربراهہ جنرل قاسم سليماني عراق ۾ آمريڪي فضائي حملي ۾ مارجي ويو هو. سندس ڪار کي ٽارگيٽ بڻائي حملو ڪيو ويو هو ۽ آمريڪا کان ايران بدلو وٺڻ جو اعلان ڪيو هو. دهشتگردي هن خطي جو گڏيل مسئلو رهندو پيو اچي ۽ گڏيل مسئلي کي جيڪڏهن منهن ڏيڻ لاءِ خطي جي ملڪن طرفان جيستائين گڏيل حڪمت عملي نہ جوڙي ويندي ۽ گڏيل نموني اُپاءَ نہ ورتا ويندا، تيستائين دهشتگرديءَ جو راڪاس حياتيون ڳڙڪائيندو رهندو

دهشتگرديءَ سان جتي هڪ طرف ماڻهن جي حياتيءَ کي هاڃو پيو رسي، زندگيون ختم پيون ٿين، انفرااسٽرڪچر تباهہ ٿئي ٿو، اتي ملڪن جا وسيلا جيڪي ملڪي ترقيءَ ۽ عوام جي فلاح لاءِ استعمال ٿيڻ گهرجن ها، اهي نہ پيا ٿين ۽ هڪ مستقل غيريقيني ۽ عدم استحڪام جا ڪڪر ڇانيل رهن ٿا، دهشتگرديءَ سبب پاڪستان گهڻو ڀوڳيو آهي ۽ هن وقت بہ دهشتگرديءَ کي منهن ڏئي رهيو آهي، ان دهشتگرديءَ جو سبب ماضيءَ جون غلط رياستي پاليسيون آهن، جن جا اثر اسان هن وقت ڀوڳي رهيا آهيون. جو اسان جي حڪمرانن صرف هڪ فون ڪال تي ملڪ کي دهشتگرديءَ خلاف عالمي جنگ جي نالي ۾ آمريڪي مفادن جي جنگ جو ميدان بنائي ڇڏيو، افغانستان ۾ بہ وار لارڊز پيدا ڪيا ويا. ڪتابين جا لشڪر تيار ٿيا ۽ دهشتگرديءَ جو راڪاس افغانستان کي بہ ڳڙڪائي ويو ۽ هاڻي افغانستان جي سرزمين بہ پاڪستان خلاف استعمال ٿي رهي آهي. اها ئي صورتحال ايران سان پڻ آهي. ان ڪانسواءِ تمام گهڻيون دهشتگرد تنظيمون مقدس مقصد جي نالي ۾ مذموم مفادن جي حاصلات لاءِ ڪم ڪري رهيون آهن. پراڪسي جنگيون هلندڙ آهن. اهڙا صنعتي ملڪ، جن جي معيشت هٿيارن جي صنعتن تي آڌاريل آهي، جنگيون ۽ دهشتگردي انهن ملڪن جي معيشت کي وڌائڻ جو ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. هٿ وٺي اهي دهشتگرد تنظيمون پيدا ڪيون ويون آهن. انهن تي وڏي سيڙپ ڪئي وئي آهي. انهن کي پالي تاتي مڃائي مواڙ ڪيو ويو آهي. سگهارو ۽ پلوان بڻايو ويو آهي. انهن مختلف ملڪن ۾ پنهنجا نيٽ ورڪ قائم ڪري ورتا آهن. دهشتگردي هن خطي جي ملڪن جو جيئن تہ گڏيل مسئلو آهي، ان ڪري ان خلاف جنگ بہ گڏيل نموني وڙهڻي پوندي ۽ دهشتگردي ڪندڙ ڌرين کي اڪيلو ڪرڻو پوندو، رياستي سطح تي انهن جي حمايت ترڪ ڪرڻي پوندي. "پراڪسي وارز" ختم ڪرڻ لاءِ جاکوڙڻو پوندو، انهن کان لاتعلقيءَ جو اظهار ڪرڻو پوندو، صرف ۽ صرف ان صورت ۾ ئي دهشتگرديءَ مان جان ڇڏائي سگهجي ٿي.

ايران ۾ ٿيل دهشتگرديءَ ۾ ٿيل زندگين جي نقصان تي اسان افسوس جو اظهار ڪريون ٿا. اڄ ايران سوڳوار آهي تہ اهو سڄي خطي جو گڏيل ڏک هجڻ گهرجي، اهڙيون پاليسيون جوڙڻ گهرجن، جن سان خطي ۾ دهشتگرديءَ کي اسرڻ ۽ نسرڻ جو موقعو نہ ملي. دهشتگرديءَ کي رياستي ڇٽي مهيا نہ ٿيڻ گهرجي. اسان هڪٻئي جا دشمن نہ پر دهشتگردي اسان سڀني جي گڏيل دشمن آهي. ان گڏيل دشمن خلاف گڏيل ويڙهہ جي رٿابنديءَ جو وقت آهي. دهشتگرديءَ جو نيٽ ورڪ انتهائي منظم آهي، جنهن کي توڙڻ ۽ مات ڏيڻ لاءِ بہ انتهائي منظم انداز سان حڪمت عملي جوڙڻي پوندي. خطي جي ملڪن کي اهڙو معاهدو ڪرڻو پوندو ۽ ان لاءِ گڏيل نموني سان وسيلا استعمال ڪرڻا پوندا.

عظيم ليڊر فخر ايشيا قاعد عوام ذوالفقار علي ڀٽو

وفا ولي محمد ڦل

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو 5جنوري 1928 ع ۾ لاڙڪاڻي جي شهر رتوديرو ۾ سرشاهنواز ڀٽو جي گهر ۾ اک کولي. ڀٽو گهراڻي جو ذڪر ٿيندي ئي سر جي ايم سيد جو ذڪر ۽ گڏيل سياست اچي ٿي هر ڪنهن جي ذهن ۾ هڪٻئي جي ٻن ڪٽر مخالفن وارو تصور اُڀرندو آهي . شهيد ذوالفقار علي ڀٽي توڙي شهيد بينظير ڀٽو جي حڪومتن ۾ سيد جي قيد ۽ نظربندين مان اهو مطلب ورتو ويندو آهي ڄڻ سيد ۽ ڀٽن جي ڪا خانداني دشمني هجي . خاص طور آمر جنرل ضياءَ جي زماني ۾ سائين جي ايم سيد جي بيانن کي اُن وقت جي اخبارن اهڙي طرح توڙي مروڙي پيش ڪيو هو ڄڻ سيد ڀٽو دشمنيءَ ۾ جنرل ضياءَ جو وڏو حمايتي ٿي پيو هجي، مونکي خاص طور اهو بيان ياد آهي جڏهن صحافين جي سوال تي سائين جي ايم سيد وراڻيو هو : "جنرل ضيا بهت اچا آدمي هي، کيونڪ جو ڪام هم ڪرنا چاهتي هين (ملڪ کي توڙڻ) وه يہ خود ڪر رها هي ." اخبارن پنهنجي اصل آقائن جي اشاري تي يا هڪ مخصوص مائينڊ سيٽ تحت سيد جي بيان جو صرف پهريون جملو ڇاپيو تہ "جنرل ضيا بهت اچا آدمي هي". ان اڌ جملي سڄي سنڌ ۾ سائين جي ايم سيد لاءِ وڏي ڪاوڙ جي لهر پکيڙي ڇڏي هئي ڇوتہ ڀٽو صاحب عوامي ليڊر هو ۽ سندس شهادت جو درد سنڌ جي عوام جي دلين ۾ اڃا تازو هو. جن ماڻهن جي ذهنن ۾ سيد مخالف پرچار جو اثر گهڻو ويٺل آهي، اهي اڪثر جي ايم سيد جي خلاف ڳالهائڻ لاءِ سندس ڀٽو دشمنيءَ جا مثال ڏيندا آهن . پر مان ڪن ڳالهين ۽ واقعن کي ياد ڪري سوچيندو آهيان تہ سائين جي ايم سيد ۽ ڀٽو صاحب وچ ۾ سياسي اختلاف تہ اڻ ڳڻت ٿي سگهيا ٿي پر ڪا خانداني دشمني ڪانہ هئي . اهڙي طرح سياسي اختلاف بہ اهڙا ڪونہ هئا جو هڪٻئي جو سِرُ وٺڻ لاءِ تيار هجن . ان جي برعڪس مون ڏٺو آهي تہ ٻنهي اڳواڻن جا سياسي اقتصادي نظريا هڪٻئي سان گهڻو ملندڙ هئا . سائين جي ايم سيد ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سنڌ جا اهڙا اڳواڻ ۽ مدبر ٿي گذريا آهن جن جي جنم توڙي وفات وارن ڏينهن تي لکين ماڻهو سندن مزارن تي گڏ ٿين ٿا. اهڙو مثال سڄي پاڪستان ۾ تہ ڇا سموري سنڌي ڪنڊ ۾ نٿو ملي. سائين جي ايم سيد جا شهيد ڀٽو جي والد سر شاهنواز ڀٽو سان ويجها سياسي لاڳاپا هئا ۽ سر شاهنواز کان عمر ۾ ننڍو ۽ ڪانگس سياست ۾ جونيئر هجڻ جي باوجود هو ساڻس گڏ سياسي جدوجهد ۾ شامل رهيو . مان ڪا نئين ڳالهہ نٿو ڪريان جو تاريخ شاهد آهي تہ 1934 ۾ پهريون پيرو سنڌ پيپلز پارٽيءَ جو بنياد بہ سائين جي ايم سيد جي ڪراچيءَ واري رهائش حيدر منزل تي پيو هو. جنهن ۾ سر شاهنواز ڀٽي کي پارٽيءَ جو صدر ۽ سائين جي ايم سيد کي جوائنٽ سيڪريٽري چونڊيو ويو هو. سنڌ پيپلز پارٽي گهڻو وقت جتاءِ نہ ڪري سگهي جنهن ڪانپوءِ 1936 ۾ وري سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ٺاهي وئي جنهن ۾ پڻ سرشاهنواز ڀٽو ۽ سائين جي ايم سيد گڏ هئا. اڳتي هلي اهڙو وقت بہ آيو جو سرشاهنواز ڀٽو چونڊن ۾ جڏهن ڪاميابي ماڻي نہ سگهيو تہ سائين جي ايم سيد پنهنجي سيٽ تان استعيفيٰ ڏيڻ ۽ سرشاهنواز کي اُن تي چونڊرائڻ جي آڇ ڪئي تہ جيئن هُو سنڌ جو پرائيم منسٽر بڻجي سگهي پر سر شاهنواز اُها آڇ قبول نہ ڪئي هئي . سندن سياسي تعلقات پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ بہ قائم رهيا ۽ سنڌ جي مسئلن ۽ در پيش خطرن کي محسوس ڪندي 1948 ۾ هنن ٻنهي اڳواڻن گڏجي سنڌ پيپلز پارٽيءَ جو هڪ پيرو وري بنياد رکيو جنهن جو ڪنوينشن بہ ڪوٺايو ويو . ٻئي اڳواڻ سنڌ ۽ سنڌين جي سياسي ۽ اقتصادي مستقبل کي درپيش خطرن کي محسوس ڪري رهيا هئا پر بدقسمتيءَ سان هن پيري بہ اها هتان جي سياسي چالبازين کي منهن نہ ڏئي سگهي ۽ هوريان هوريان غير سرگرم ٿيندي وئي.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جڏهن ايوب خان جي اقتدار کي ڇڏي پنهنجي سياسي پارٽي ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو تہ سندس ذهن ۾ پنهنجي والد جي سنڌ پيپلز پارٽيءَ جو نالو ۽ هو جنهن کي هن پاڪستان پيپلز پارٽي جي شڪل ۾ ملڪگير سياست ڪرڻ لاءِ وجود ڏنو. ايئن جڏهن ون يونٽ مخالف تحريڪ هلي رهي هئي تڏهن سيد سان سندس دوست سياستدان سر شاهنواز ڀٽي جو فرزند ذوالفقار علي ڀٽو بہ ون يونٽ مخالف محاذ ۾ گڏ هو. پوءِ وقت آيو جڏهن ملڪ ڀاڱا ٿيو ۽ 1971 جي ڊسمبر ۾ اقتداري قوتون ملڪ جون واڳون ڀٽي صاحب کي ڏيڻ لاءِ مجبور ٿي ويون . جيتوڻيڪ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو زمانو بہ سائين جي ايم سيد لاءِ قيد ۽ بند ڪٽي آيو. پر سندس دل ۾ ڀٽي صاحب لاءِ نرم گوشو هو . باوجود انهيءَ جي تہ سندن سياست جا بنياد الڳ الڳ هئا. سائين جي ايم سيد قومپرست اڳواڻ هو ۽ ڀٽو صاحب وفاق جي علامت بڻجي چُڪو هو. پر ڀٽي صاحب جو سنڌي هجڻ ۽ سر شاهنواز جو فرزند هجڻ سان گڏ منهنجي خيال ۾ ڪي ٻيون بہ ڳالهيون هيون جيڪي سيد جي من ۾ هن لاءِ نرم گوشو پيدا ڪري رهيون هيون . ڀٽي صاحب اقتدار سنڀالڻ شرط اسلامي شوشلزم جو نعرو هنيو هو ۽ ان پروگرام هيٺ هن خانگي شعبي جي وڏين صنعتن ۽ ادارن کي قومي تحويل ۾ وٺڻ شروع ڪيو هو تہ جيئن چند سرمائيدارن جي هٿن ۾ ويندڙ دولت کي غريب عوام جي ڀلي لاءِ استعمال ڪري سگهي. ساڳئي وقت هن زرعي سڌارا بہ آندا تہ جيئن جاگيردارن کان زمينون کسي غريب هارين ڏئي سگهجن. اهو ساڳيو پروگرام سنڌ پيپلز پارٽيءَ جو هو جيڪا 1948 ۾ سر شاهنواز ڀٽي ۽ سائين جي ايم سيد ناهي هئي. ان ڳالهہ جي ثابتي سائين جي ايم سيد جي جنوري 1953 ۾ لکيل مضمون (سنڌي عوامي جماعت جي پاليسي ۽ پروگرام بابت 1953 جي اليڪشن وقت تيار ڪيل مضمون) مان ملي ٿي جنهن ۾ سيد لکي ٿو : "اسان پاڪستان جي حڪومت سوشلسٽ بنيادن تي برپا ڪرڻ گهرون ٿا . اها ڪيڏي نہ افسوس جي ڳالهہ آهي تہ ملڪ جا 95 سيڪڙو عوام غربت ۾ غلطان. علم کان بي بهره. آباديءَ لاءِ زمين کان محروم. بي گهر. پوري ڪپڙي ۽ ڪاڌي لاءِ محتاج هجن . اسان جي جماعت انهن مسئلن جي سرانجاميءَ لاءِ ڪوشش ڪندي ." ڀٽي صاحب جو بہ اهو ئي نعرو هو : اَنُو، لَٽُو ۽ اُجهو جو پروگرام ڪيو

سيد سندن پارٽيءَ جي پروگرام بابت اڳتي لکي ٿو: "اسان هر هاريءَ کي پنهنجي زمين جي ٽُڪري هئڻ جي اصول جا حامي آهيون . انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هيٺيان رستا اختيار ڪرڻ ضروري سمجهون ٿا : سرڪاري زمين صرف بي زمين هارين کي ڏني وڃي ۽ جاگيرون ختم ڪري زميندارين گهٽائي اها زمين هارين ۾ ورهائي وڃي . " ڀٽي صاحب جو بہ اهو ئي پروگرام هو. شهيد ذاولفقار علي ڀٽو تي ان دور جي وچ ۾ محمد احمد قصوري جي قتل جو الزام بہ مڙهيو ويو ۽ ڪيس هلندو رهيو .شهيد ذاولفقار ڀٽو بهترين طرز عمل تي حڪومت هلائي 1973وارو آئين نافذ ڪيو جيڪو اڄ تائين لاڳو ۽ تعريف جي لائق آهي ڀٽو صاحب ان کان اڳ واري دور حڪومت ۾ پرڏيهي وزير ۽ صنعت پيداوارجا وزير بہ رهي چڪا ها . پاڻ قانون جي ڊگري بہ پرڏيہ مان ماڻي هئي ۽ عقابر تقرير جا ماهر ها . ليڪن تڏهوڪي فوجي ڊڪٽيٽر جنرل ضيا ۽ ٻين سازشي عناصرن 1977 ع تي سنڌس کان ملڪي واڳون کسي ڀٽي صاحب کي گرفتار ڪري جيل موڪلي ڇڏيو مارشلا لاڳو ڪري پاڻ جنرل ضيا الحق ملڪ جو صدر ٿي تخت تي قابض ٿي ويو ۽ 4اپريل 1979تي هن محب وطن مرد مجاهد کي ڦاسي ڏني وئي !!!!!!!!!! ڀٽو صاحب جلاوطني کان اصولن جي سوديبازي قبول نہ ڪندي شهادت ماڻي , هن سال هن ارڏي انسان دنيا ليول تي پاڻ مڃرائيندڙ شخصيت جي 96هين سالگره مبارڪ آهي جيڪا سندس آخري آرامگاهہ سميت پوري ملڪ جي هر ننڍي وڏي شهر ۾ ڌام ڌوم سان ملهائي پئي وڃي پوري ملڪ ۾ ننڍيون وڏيون تقريبون رکيل آهن جتي پي پي جو چيرمين بلاول ڀٽو آصف علي آصفا ڀٽو سميت سموري قيادت مختلف شهرن ۽ هندن تي سندس جي سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيندا ۽ سندس جي عظيم ڪردار ملڪي خدمتن ۽زندگيءَ تي روشني وجهندا دعا آهي تہ الله پاڪ هن مرد مجاهد جي ڇڏيل اڌوري مشين کي قائم دائم رکي ۽ کيس کي جنت الفردوس نصيب عطا ڪري آمين

پاپوهي هيڪارَ مون کان پُڇيو سَڄَڻين:
اَلَستُ بِرَبِّڪُمۡ، چيائون جنهن وارَ؛
سَنڌي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪون نہ لهي.

ميهڙ تعلقہ اسپتال جي حالت ڪيئن سڌرندي؟

تحرير: فراز چنا

ميهڙ تعلقي جي 4 لک کان وڌيڪ آبادي رکندڙ ميهڙ شهر ۽ آس پاس وارن علائقي جي رهواسين جي صحت جون سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ قائم ڪيل واحد تعلقي اسپتال ميهڙ گذريل ڪافي سالن کان مسئلن جي ور چڙهيل آهي. اسپتال جي هن وقت تائين اڪثر شعبا غيرفعال بڻيل آهن. اسپتال ۾ ايندڙ ماڻهن لاءِ ڪي بہ سهولتون ناهن. پ پ پ جي گذريل 15 سالا حڪومتي دور ۾ تعلقي اسپتال جي بهتري لاءِ ڪي بہ قدم ناهن کنيا ويا . گذريل 10 سالن تائين ليڊي ڊاڪٽر کان محروم رهي آهي. ليڊي ڊاڪٽر نہ هجڻ سبب مختلف سببن ڪري زخمي ٿيل عورتن جو علاج نہ ٿيو ٿئي جڏهن تہ هتي اڪثر ڪري قتل توڙي فوت ٿيل عورتن جي لاشن جي پوسٽ مارٽم لاءِ عورتن جا لاش ميهڙ اسپتال بعد کي اين شاهہ ۽ دادو ڏانهن منتقل ٿيندا رهيا آهن پر ڪافي ڪلاڪن تائي اسپتال احاطي ۾ پيل رهندا رهيا ماڻهن جي مسلسل احتجاج کان پوءِ ليڊي ڊاڪٽر تہ مقرر ٿيون پر انهن کي ڊيوٽي تان ڇوٽ ڏئي ڇڏي آهي جنهن ڪري تعلقہ اسپتال ميهڙ ۾ مسئلا ساڳيا ئي برقرار رهيا.

تعلقہ اسپتال ميهڙ ۾ سهولتن جي اڻاٺ سبب ڪيترائي دفعا جج صاحبن جا دورا . تعلقي اسپتال ميهڙ جي ڊاڪٽرن ۽ اسٽاف تي اڳوڻي سيشن جج دادو اسپتال ۾ سهولتن جي فقدان , سرڪاري مشينري چوري , ڪجهہ مشينري موجود هوندي استعمال نہ ڪرڻ سبب ڪروڙين روپين جي مشينري ناڪاره ٿيڻ ڀاران تعلقہ اسپتال جي ان وقت جي ايم ايس سميت اسٽور انچارج , هيپاٽائيٽس جي انچارج سميت ڊاڪٽرن ۽ عملي تي دهشتگردي ائڪٽ تحت ڪيس داخل ڪرڻ باوجود تعلقہ اسپتال ميهڙ جي حالت ناهي سڌري , جڏهن تہ شهرين جي احتجاج کان پوءِ هاءِ ڪورٽ جي نوٽيس وٺڻ بعد پاڪستان چيف جسٽس جي اچانڪ دوري جو تياريون ۽ عين وقت تي دورو ملتوي ٿيڻ , صحت کاتي جي سيڪريٽري ۽ آفيسرن جا دوره بہ تعلقي اسپتال جي حالت سڌاري ناهن سگهيا. تعلقہ اسپتال ميهڙ ڪافي وقت کان ريفر سينٽر بڻيل آهي. جتي پوائستان جي ٽڪي ملڻ ب مشڪل هئي . گذريل 15 سالن کان پ پ پ جي چونڊيل ايم پي اي جو هڪ خاص ماڻهو هڪ ويڪسينيٽر جيڪو تعلقي اسپتال جو ڪرتا ڌرتا بڻيل هيو. جنهن اڪثر ماڻهن کي سياسي بنياد تي ويزا تي موڪلي ڇڏيا هئا .

تعلقي اسپتال ميهڙ لاءِ آيل مشينري يا تہ گم آهي يا ڊاڪٽرن جي ذاتي استعمال هيٺ آهي . اسپتال جي شين جي گمشدگي بابت شهرين جي احتجاج سبب اسپتال انتظاميہ اسپتال جي لاءِ آيل ائيرڪنڊيشنرس سميت ٻئي سامان جي گم ۽ چوري ٿيڻ جي اين سي داخل ڪرائي ڇڏي آهي. اسپتال جي ڪوارٽرن تي قبضا آهن جڏهن تہ اسپتال جي پلاٽ تي انتظاميہ توڙي چونڊيل نمائندن جي آشيرواد سان دڪان ۽ شاپنگ سينٽر ناهي ڇڏيا آهن. ڪروڙين روپين جي لاڳت سان اسپتال لاءِ جوڙايل ٽراما سينٽر جو سامان ۽ فرنيچر گم آهي . ٽراما سينٽر تہ هلي نہ سگهيو. لاڳيتي احتجاج جي باوجود عوامي دٻاءَ تي ٽراما سينٽر بحال تہ ٿي سگهيو پر عوامي دٻاءَ تحت ان ٽراما سينٽر ۾ ايمرجنسي وارو شعبو تبديل ڪري ايمرجنسي واري شعبي ۾ تبديل ڪيو ويو. اسپتال جي عمارت زبون حال بڻيل آهي . ليبارٽري سميت اڪثر شعبا غير فعال بڻيل آهن.

جيتوڻيڪ حڪومتي ڌرجي ماڻهن تعلقہ اسپتال ميهڙ کي گمس حوالي ڪرڻ جا وڏا اعلان ڪيا . گمس جي انچارج کي ميهڙ اسپتال جو دورو ڪرايو ويو سوشل ميڊيا تي وڏيون وڏيون دعوائون ڪيو ويو تہ هاڻي اسپتال ۾ بهتر ايندي عوام کي رليف ملندو پر اسپتال گمس حوالي تہ نہ ٿي پر پ پ پ جي ميهڙ مان چونڊيل ايم پي اي فياض علي ٻٽ پاران پنهنجي وزارت واري عرصي دوران پنهنجي پيٽرول پمپ توڙي ان ڏانهن ايندڙ روڊ ۽ زمينن ۾ سولر سسٽم جا پول تہ لڳايا پر افسوس جي تعلقي اسپتال ميهڙ ۾ هڪ بہ سولر سسٽم جو پول لڳي نہ سگهيو! جنهن سبب ڊاڪٽر رات جي وقت ايندڙ زخمين کي موبائل فون جي ٽارچ جي بتي ٻاري زخمين تي پٽي لڳائي کين لاڙڪاڻي موڪليندا رهن ٿا.

ميهڙ جا ماڻهو دانهون ڪندا رهيا تہ اسپتال کي بهتر ڪيو پر ان ۾ ڪا بہ بهتري ناهي آئي. ميهڙ مان عوام ووٽ ڏئي پ پ پ جي اميدوارن کي ڪامياب ڪرايو پر عوام جي لاءِ جوڙايل عوامي ادارن ۾ ڪا بہ بهتري اچي نہ سگهي. تازو نگران حڪومت دوران هڪ عوام دوست ڊاڪٽر کي تعلقي اسپتال جي چارج ملڻ کان پوءِ سندس هڪ مهيني اندر اسپتال لاءِ ڪيل ڪم, خدمتن ۽ شعبن کي بحال ڪرڻ جو جاڪوڙ گذريل 15 سالن حڪومت ڪندڙ ۽ انهن جي لاڏلن تي هڪ زوردار چماٽ آهي .

بقايا *** 01

يونٽن تائين مفت بجلي فراهم ڪنداسين. بينظير انڪم سپورٽ پروگرام سان عوام جي مالي مدد ڪري رهيا آهيون. پ پ واحد جماعت آهي، جنهن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام آندو. اسان مزدورن کي بہ بينظير ڪارڊ ڏينداسين. هارين ۽ نوجوانن لاءِ بہ ڪارڊ آڻينداسين. سندس چوڻ هو تہ مان نفرت ۽ گار گند جي سياست تي يقين نٿو رکان، اهڙي سياست کي دفن ڪرڻ چاهيان ٿو. چونڊون وقت تي ٿينديون ۽ فتح پ پ جي ٿيندي. مان توهان جي مدد ڪرڻ چاهيان ٿو مفت علاج لاءِ اسپتالون ۽ مفت تعليم لاءِ ادارا ناهڻ چاهيان ٿو. اقتدار ۾ اچي پگهارون ٻيڻيون ڪنداسين. ٻئي پاسي پاڪستان پيپلز پارٽي چيو آهي تہ اسان سينيٽ ۾ چونڊون ملتوي ڪرڻ جي ٺهراءَ جي حمايت ناهي ڪئي. پ پ اڳواڻ شيري رحمان بلاول هائوس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ اسان سينيٽ ۾ چونڊون ملتوي ڪرڻ جي ٺهراءَ جي حمايت ناهي ڪئي. بلاول ڀٽو زرداري واضح ڪري چڪو آهي تہ اسان وقت تي چونڊون چاهيون ٿا. پ پ وقت سر شفاف چونڊون چاهي ٿي. هن چيو تہ چونڊن لاءِ 8 فيبروري جي تاريخ سپريم ڪورٽ ڏني آهي. اسان جون چونڊن جي حوالي سان تياريون مڪمل آهن. چونڊن لاءِ سمورن اميدوارن کي فائنل ڪري ورتو آهي. سندس موجب ٺهراءُ رڳو 14 سينيٽرن جي موجودگي ۾ پيش ڪيو ويو، ڪورم پورو نہ هو. اسان جي سينيٽران جي مخالفت ڪئي آهي. جيڪڏهن ان جي مخالفت واضح نہ هئي تہ پارٽي ان کان وضاحت گهرندي.

بقايا *** 02

هنڊن برگ هڪ رپورٽ ۾ چيو هو تہ اڊاني گروپ ڏهاڪن کان اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ ڦيرڦار ۽ اڪائونٽنگ فراڊ اسڪيم ۾ ملوث آهي. رپورٽ ۾ گوتم اڊاني لاءِ ڪارپوريٽ تاريخ جي سڀ کان وڏي دوکيباز جا لفظ بہ استعمال ڪيا ويا هئا. ان رپورٽ کان پوءِ گوتم اڊاني جي دولت ۾ گهٽتائي ٿي هئي ۽ هو 2023 ع ۾ دنيا جي امير ترين ماڻهن جي لسٽ ۾ گهڻو هيٺ رهندو هو جڏهن تہ مڪيش امباني ايشيا جي امير ترين شخص بڻجڻ جو اعزاز ماڻيو هو پر ڪجهہ ڏينهن اڳ ڀارتي سپريم ڪورٽ حڪم جاري ڪيو هو تہ هنڊن برگ جي الزامن تي نئين جاچ جي ضرورت نہ آهي. ان فيصلي کان پوءِ گوتم اڊاني جي اثاثن ۾ اضافو ٿيو ۽ هاڻي هو هڪ پيرو وري ايشيا جو امير ترين شخص بڻجي ويو آهي. بلومبرگ جي رپورٽ موجب 4 جنوري تي 7.7 ارب ڊالرز جي واڌ سان گوتم اڊاني جي اثاثن جي ماليت 97.6 ارب ڊالرز ٿي وئي. جنهن کان پوءِ هن مڪيش امباني کي پوئتي ڇڏيندي ايشيا جو امير ترين شخص بڻجڻ جو اعزاز حاصل ڪري ورتو. مڪيشن امباني هن وقت 97 ارب ڊالرز جو مالڪ آهي.

بقايا *** 03

ٿيا. ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان ۾ سڪيورٽي فورسز تي حملا ٿيا جڏهن تہ امل ولي جو بہ خدشو آهي. سينيٽر دلاور خان چيو تہ چونڊ ريلي دوران انٽيليجنس ايجنسيون خطري جي الرٽ تي آهن. سينيٽ چيئرمين جو چوڻ آهي تہ معاملا حل ٿيڻ ڪانسواءِ چونڊون نہ ٿيڻ گهرجن. 8 فيبروري جي چونڊن جو شيڊول ملتوي ڪيو وڃي. اليڪشن ڪميشن چونڊون ملتوي ڪرڻ تي عمل ڪري. سينيٽ اليڪشن ڪميشن تي اعتماد ڪري ٿي مسلم ليگ (ن) جي سينيٽر افنان الله قرارداد جي مخالفت ڪندي چيو تہ مان سينيٽر دلاور خان جا دليل درست ڪرڻ چاهيان ٿو ملڪ ۾ امن امان جي صورتحال بهتر ناهي پر 2008 ع ۽ 2013 ع ۾ صورتحال خراب هئي. جيڪڏهن اهي سيڪيورٽي جي آڙ ۾ اليڪشن ملتوي ڪندا تہ پوءِ ڪڏهن بہ اليڪشن نہ ٿيندي. افنان الله چيو تہ جا برطانيا ۽ آمريڪا بہ عالمي جنگ دوران اليڪشن ملتوي ڪئي. موسم کي عذر طور استعمال ڪيو ويو. فيبروري ۾ بہ پيرا اليڪشن ملتوي ڪئي وئي بعد ۾ سينيٽ سينيٽر دلاور خان پاران پيش ڪيل ٺهراءُ اتفاق راءِ سان منظور ڪري ورتو

بقايا *** 04

تشريح واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي رهي آهي. جنهن دوران چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ پنهنجي ريمارڪس ۾ چيو آهي تہ آئين کي ايترو ڏکيو نہ بڻايو وڃي تہ ماڻهو پنهنجون شيون وڃائي ويهي. چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ 7 رڪني بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. لارجر بينچ ۾ جسٽس منصور علي شاهہ. جسٽس يحيٰ آفريدي. جسٽس امين الدين خان. جسٽس جمال مندوخيل. جسٽس محمد علي مظهر ۽ جسٽس مسرت هلالي شامل آهن ٻڌڻي دوران چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ چيو تہ اسان فيصلو ڪيو آهي تہ چونڊن بابت انفرادي ڪيس نہ ٻڌنداسين. آئين جي تشريح بابت ڪيس ٻڌنداسين چونڊن بابت انفرادي ڪيس جي ٻڌڻي ايندڙ هفتي ٻي بينچ ۾ ٿيندي. چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ چيو آهي تہ نيب قانون ۾ سزا 10 سال هئي، آئين عوام لاءِ آهي وڪيلن لاءِ ناهي. آئين کي سادو بڻايو وڃي. آئين کي ايترو ڏکيو نہ بڻايو وڃي جو عوام جو اعتماد ختم ٿي وڃي. فلسفاتي ڳالهائڻ بدران سادو ڳالهايو

بقايا *** 05

آهي جيڪي سماج ۾ پنهنجو حصو وجهندڙ ذهين شاگردن کي اڳتي وڌائيندا. هن اها ڳالهہ جمعي ڏينهن مقامي هوٽل ۾ IBAڪراچي ۽ JFF_UGIوچ ۾ آئي بي اي کي ڪمپيوٽر سائنس اسڪول تحفي ۾ ڏيڻ بابت ايم او يو تي صحيحن جي تقريب کي خطاب ڪندي چئي. تقريب ۾ نگران صوبائي وزيرن برگيڊيئر (ر) حارث نواز، رانا حسين، سيڪريٽري يونيورسٽيز اينڊ بورڊز نور سمون، مشتاق چاپرا، ڊائريڪٽر ايلومنائي انيئر آئي بي اي ملهت اعوان، IBA جي ڊين ڊاڪٽر شڪيل اي خوجا، ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ايس اڪبر رضوي، ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر UGIڊاڪٽر حسنين والجي، جعفر فيملي فائونڊيشن جي چيئرمين الحاج محمد تقي جعفر ۽ ٻين شرڪت ڪئي. وڏي وزير چيو تہ JFF_UGIپاران IBAجي اسڪول آف ڪمپيوٽر سائنس اينڊ ميٿميٽڪس کي 1.5 ملين ڊالر جي عمارت تحفي ۾ ڏني وئي آهي. هن چيو تہ سخاوت جو هي عمل نہ رڳو مالي مدد پر قوم جي دانشورانٽي سرمائي ۾ هڪ اهم سيڙپڪاري آهي. ۽ وڌيڪ چيو تہ هي تحفو انهن شاگردن کي بااختيار بڻائڻ ۽ اڳتي وڌائڻ لاءِ اسان جي گڏيل ويزن کي اجاگر ڪري ٿو جيڪي سماج ۾ هڪ قيمتي ڪردار ادا ڪرڻ چاهيندا آهن. جسٽس باقر جو چوڻ هو تہ اڄ اسان پاڻ کي هڪ اهڙي ڏگ تي ڏسي رهيا آهيون جتي ترقي جا امڪان ۽ اڳيرائي جي عمل کي واڪو ڪري ٿو جيڪو ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ تعليم لاءِ گڏيل ڪوششون ڪتب آڻي سگهجن ٿيون ۽ هن پاڪستان ۾ اعليٰ تعليم جي مستقبل جوڙڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ تي جعفر فيملي فائونڊيشن جا ٿورا مڃيا. وڏي وزير چيو تہ ڊيٽا تي ٻڌل دنيا اندر ڊيٽا سائنس ۾ مهارت جي اهميت کي وڌيڪ زور نٿو ڏئي سگهجي ۽ وڌيڪ چيو تہ آئي بي اي ڪراچي جي اسڪول آف ڪمپيوٽر سائنس اينڊ ميٿميٽڪس وچ ۾ سهڪار ڊيٽا سائنس ۾ اسپيشل ايجوڪيشن جي اهم ڪردار جو اعتراف آهي. هن چيو تہ هي تعاون ان ڳالهہ کي تسليم ڪري ٿو تہ مستقبل کي ڊيٽا جي ذريعي ترتيب ڏنو پيو وڃي ۽ اسان جي شاگردن کي هن ترقي يافتہ ميدان ۾ ڪاميابي لاءِ ضروري صلاحيتن سان مالامال ڪري سجاڳ ڪرڻ جي ضرورت آهي. نگران وڏي وزير چيو تہ پاڪستان ۾ اعليٰ تعليم جا انگ اکر ظاهر ڪن ٿا تہ اسان کي ڪهڙا چئلينج درپيش آهن هن چيو تہ جيتوڻيڪ پرائمري تعليم ۾ داخلا ۾ نمايان بهتري آئي آهي پر پوءِ بہ ڪيترائي شاگرد اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ ۾ ڏکائين کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ وڌيڪ چيو تہ اهل شاگردن جو هڪ خاص انگ مختلف سماجي - اقتصادي رڪاوٽن سبب يونيورسٽين تائين رسائي کان قاصر آهن. هن چيو تہ رسيلن ۽ خاص ڪري ادارن جي ڪوٽ ڪارڻ خاص ڪري ڪمپيوٽر سائنس ۽ رياضي جهڙن شعبن ۾ اهڙي تعاون جي سخت ضرورت آهي. وڏي وزير چيو تہ محمد تقي جعفر، ڊاڪٽر حسنين والجي، صادق جعفر، علي اسد هماني، رضا پير ڀائي، احتشام رياض ۽ تطهير فاطمہ جي جذبي ۽ غير معمولي سخاوت متاثر ڪندڙ آهي ۽ وڌيڪ چيو تہ تعليم جي تبديليءَ ۾ سندن گڏيل عقيدو ڪيترن ئي شاگردن لاءِ اميد جي روشني جڳائيندڙ جو ڪم ڪندو جيڪي پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ جا خواهشمند آهن. جسٽس باقر جو چوڻ هو تہ آءِ بي اي ڪراچي جو ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر اڪبر زيدي ۽ سندس ٽيم تعليمي سڌار لاءِ اڻٿڪ ڪوششن تي ساراهہ جي مستحق آهي ۽ وڌيڪ چيو تہ قابليت جي پرورش ۽ سکيا لاءِ سازگار ماحول کي هٿي وٺرائڻ لاءِ سندن وقف اهو بنياد آهي جنهن تي هي تبديليءَ وارو سهڪار ٻڌل آهي جيئن اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون تہ اچو! انسان دوستي جي هن عمل کي اڪيلائي بدران نظام ۾ تبديلي آڻڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ وڌيڪ چيو تہ جعفر فيملي فائونڊيشن ۽ آءِ بي اي ڪراچي جي وچ ۾ اها پارٽنرشپ رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ. جدت جي حوصلا افزائي ڪرڻ ۽ هڪ وڌيڪ جامع تعليمي ماحولياتي نظام جوڙڻ جي صلاحيت رکي ٿي. هن چيو تہ هن تعاون سبب کنيل قدمن سبب سڄي پاڪستان ۾ اعليٰ تعليم جي پهچ ۽ معيار ۾ انقلاب آڻيندو. اچو تہ گڏجي مستقبل جو چيمپيئن بڻجڻ لاءِ گڏ ٿيون جتي تعليم جي ڪا حد نہ هجي ۽ هر خواهشمند ذهن کي ترقي ڪرڻ جو موقعو ملي سگهي.

بقايا *** 06

۽ آفيسز ۾ حاضري گهٽجي رئي. ڪراچي ۾ ٿڌي هوائن شهرين کي سيسرائيون ڏياري ڇڏيون. ڪشمور، غوثپور، ڪنڌڪوٽ، ٺٽگوائي، خيرپور، دادو، شهدادڪوٽ، ڪنڊيارو ۽ سجاول جوٿيجو ۾ وسڪارو، پيارو اسٽيشن، قصبو قمبر، بهرام، لالو رائنڪ، ڪريم بخش ڪوسو، ڪنڌرا، ڪرمپور ۽ مبارڪپور ۾ مينهن وسي پيو صالح پٽ، ميان صاحب، همايون، ملياڻي، پکي داد لغاري ۽ واهي پانڌي سميت مختلف علائقن ۾ وقفي وقفي سان وسڪارو، سيءَ وڌي وڃڻ ۽ برسات سبب ماڻهو گهرن تائين محدود ٿي ويا. سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي ۾ بہ ٿڌي هوائن جو رخ، سيءَ جي لهر وڌي وڃڻ ڪري اسڪولز ۽ آفيسز ۾ حاضري گهٽ رهي. جڏهن تہ ٿر ۾ زلزلي جا لوڏا. سيءَ جا ستيل ماڻهو خوف وچان گهرن مان نڪري آيا. مٺي، اسلام ڪوٽ، ننگرپارڪر ۽ ڀرپاسي زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا. علائقي واسين موجب زلزلو ايترو تہ شديد هو جو گهرن جون ڇتيون ڏڏي ويون. خوف سبب ماڻهو گهرن کان ٻاهر ويهي رهيا.

بقايا *** 07

بخاري جاري ڪيو شوڪاز ۾ چيو ويو آهي تہ توهان پارٽي ليڊرشپ جي هدايتن ۽ پارٽي پاليسي جي ڀڃڪڙي ڪئي. واضح ڪيو تہ توهان ڇو ٺهراءَ جي حمايت ڪئي ۽ حمايت ۾ تقرير بہ ڪئي؟نوٽيس جي متن موجب توهان کي خبر آهي تہ 8 فيبروري تي عام چونڊن لاءِ پارٽي پرعزم آهي، ان باوجود توهان ٺهراءَ جي حمايت ڇو ڪئي؟ تنهن ڪري هڪ هفتي ۾ جواب ڏنو

بقايا *** 08

. تحريڪ انصاف اڳواڻ بئريسٽر گوهر چونڊون ملتوي ڪرڻ جي ٺهراءَ جي منظوري تي ردعمل ڏيندي چيو تہ ڪجهہ سياسي جماعتن طرفان سينيٽ جي فلور ذريعي عام چونڊون ملتوي ڪرائڻ جي ڪوشش آئين ۽ جمهوريت تي حملو آهي. جنهن جي اسان مذمت ڪيون ٿا. هن چيو تہ دستور تحت مقرر ڪيل 90 ڏينهن ۾ صاف شفاف چونڊون اليڪشن ڪميشن ۽ نگران حڪومت جي آئيني ذميواري آهي. غير آئيني ۽ غير قانوني ٺهراءَ جي منظوري عدالت عظميٰ جي حڪم جي ڀڃڪڙي ۽ توهين عدالت آهي. تحريڪ انصاف عام چونڊن لاءِ مڪمل طور تيار آهي ۽ چونڊن ۾ دير سان ڪوشش ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪندي. سندس چوڻ هو تہ سپريم ڪورٽ فوري طور نوٽيس وٺندي اهڙيون ڪوششون روڪڻ لاءِ اڻرائتا قدم کڻي.

بقايا *** 09

جو مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري مولانا مسعود الرحمان عثماني مارجي ويو پوليس ذريعن موجب اسلام آباد جي غوري ٽائون ۾ انجاتل موٽر سائيڪل سوارن گاڏي تي فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ مولانا مسعود الرحمان عثماني ۽ ڊرائيور زخمي ٿي پيا. جن کي طبي امداد لاءِ اسپتال نيو ويو سني علماءِ ڪائونسل ٻڌايو تہ فائرنگ جي واقعي ۾ زخمي مولانا مسعود الرحمان مارجي ويو پوليس موجب مولانا مسعود الرحمان سني علماءِ ڪائونسل جو مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري هو. پوليس جو چوڻ آهي تہ جوابدارن جي ڳولا لاءِ سرچ آپريشن جاري آهي.

بقايا *** 10

سوين ڪارڪنن پاران پارٽي چيئرمين جو شاندار استقبال. بلاول ڀٽو زرداري چيو ٿي، خوشي آهي جو سڄي ملڪ ۾ سڀ کان پهريان لاهور ۾ اچي اليڪشن آفيس جو دورو ڪيو. اشرافيا جي مافيا کي توڙڻ لاءِ لاهور آيو آهيان. ڪارڪن سفير بڻجي گهر گهر وڃن ۽ 10 نقاتي پروگرام بابت عوام کي آگاهہ ڪن

بقايا *** 11

جي منظوري تي ردعمل ڏيندي خورشيد شاهہ چيو تہ چونڊن کان فرار ٿيڻ جو عمل ملڪ کي بحران ۾ وجهي سگهي ٿو سينيٽ ۾ ملڪ جي وڏين جماعتن جي غير موجودگي ۾ ٺهراءَ پيش ڪرڻ جو ڪو جواز نہ هو هن چيو تہ سينيٽ ۾ ڪورم پورو نہ هو تنهن ڪري ان کي اڪثريت راءِ چوڻ درست ناهي.

بقايا *** 12

وٽ ۾ بہ دهشتگرد مارجي ويا. آءِ ايس پي آر ٻڌايو تہ مارجي ويل دهشتگردن مان هڪ جي سڃاڻپ گل يوسف عرف طور جي نالي سان ٿي، هو ٽانڪ ۽ ڊيرا اسماعيل خان ۾ دهشتگرد حملن ۾ ملوث هجڻ سان گڏ شهرين جي قتل ۽ ڀتي خوري ۾ بہ ملوث هو آءِ ايس پي آر موجب انتهائي گهربل گل يوسف جي سر جي قيمت 25 لک رپيا مقرر هئي.

بقايا *** 13

ڪرايا. انهن جو مقصد سماج جي پٺتي پيل طبقن کي بهتربنائڻ هو هن چيو تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي عام ماڻهوءَ سان وابستگي رڳو بيان بازي نہ هئي، هن پاڪستان جي سماجي ۽ اقتصادي منظرنامي کي نئون روپ ڏنو ۽ شهري - ڳوٺاڻي تقسيم کي ختم ڪري قومي يڪجهتي واري جذبي کي هٿي ڏني. شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ شهيد ڀٽو عالمي سطح تي پاڪستان جي پوزيشن واضح ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو للڪارن جي باوجود شهيد ڀٽو جو ورثو قائم رهيو ۽ ايندڙ نسلن لاءِ تحريڪ جو سبب بڻيو هن چيو تہ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شهيد ڀٽو جي جمهوري قدرن ۽ سماجي انصاف واري عزم کي اڳتي وڌائي رهيو آهي. شرجيل انعام ميمڻ پنهنجي پيغام ۾ وڌيڪ چيو تہ بلاول ڀٽو جون جمهوريت، انساني حقن ۽ جامع طرز عمل واري حڪمراني لاءِ ڪوششون شهيد ڀٽو جي اصولن جي عڪاسي ڪن ٿيون. پيچيده سياسي منظرنامي، علائقائي ڇڪتاڻ ۽ سماجي ۽ معاشي مسئلن جي حل لاءِ ملڪ کي بلاول ڀٽو جهڙي قيادت جي ضرورت آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو ورثو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي روپ ۾ زنده آهي. هن چيو تہ پيپلز پارٽي جو بنياد انصاف، برابري ۽ جمهوريت جي اصولن تي رکيو ويو پيپلز پارٽي اڄ بہ پاڪستان جي سياسي منظرنامي ۾ نمايان ڪردار ادا ڪري رهي آهي.

بقايا *** 14

معاملي جي ٻڌڻي 8 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي. ٻڌڻي دوران نواز شريف طرفان بئريسٽر جهانگير جدون ٽربيونل ۾ پيش ٿيو اليڪشن ٽربيونل چيو تہ پارليامينٽ ميمبرن جي نااهلي جو ڪيس سپريم ڪورٽ ۾ ٻڌڻي هيٺ آهي. سپريم ڪورٽ جي فيصلي جو انتظار آهي. واضح رهي تہ اين اي 15 مانسهره مان اعظم خان سواتي نواز شريف جا نامزدگي ڪاغذ چيلينج ڪيا هئا.

بقايا *** 15

جي فراهمي معطل ڪئي ويندي. سوئي ناردرن گئس پائپ لائنز لميٽيڊ (ايس اين جي پي ايل) سي اين جي اسٽيشنز کي گئس جي فراهمي معطل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ترجمان موجب اهو فيصلو گهريلو واهپيدارن کي گئس جي طلب ۾ واڌ سبب ڪيو ويو آهي، پشاور ريجن جي سيني سي اين جي اسٽيشنز کي گئس فراهمي سيائي کان معطل ڪئي ويندي.

بقايا *** 16

نڪتو. نوشهرا ۾ ورڪرز ڪنوينشن کي خطاب ڪندي پرويز خٽڪ چيو تہ پي ٽي آءِ باني جي گهر وارن قومي خزاني کي ٻنهي هٿن سان لٽيو. ماڻهن کي چور چوندڙ عمران خان چورن جو پيءُ نڪتو هن چيو تہ عمران خان کي تڪبر ٻوڙيو هن مخلص دوستن جي صلاحن تي ڪڏهن عمل نہ ڪيو 8 فيبروري تي نہ بيٽ رهندي ۽ نہ ان سان کيڏندڙ رانديگر.

بقايا *** 17

معاهدي جي مسودي کي قانوني قرار ڏئي ان جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. ذريعن موجب، ڪي اليڪٽرڪ سان معاهدي جي صورت ۾ لاڳاپيل ڪمپني جي سيڙپڪاري ۾ دلچسپي وڌندي. معاهدي سان توانائي واري شعبي جو گردشي قرض گهٽائڻ ۾ پڻ مدد ملندي.

بقايا *** 18

جولاءِ کان ڊسمبر تائين پهريون ڀيرو هڪ ٽريلن (هڪ هزار ارب) کان مٿي ٽيڪس گڏ ڪئي آهي. ڪمشنر انلينڊ روينيو گرڏاري مل نيوز بريفنگ دوران تفصيل ٻڌائيندي چيو تہ اسانکي هلندڙ مالي سال جي ابتدائي 6 مهينن ۾ ٽيڪس وصولي جو ٽارگيٽ 1216 ارب رپيا مليو هو پر اسين ٽارگيٽ کان 5 ارب روپيا مٿي ٽيڪس گڏ ڪئي. هلندڙ سال جي ابتدائي 6 مهينن ۾ گڏ ڪيل ٽيڪس گذريل سال جي پهرين 6 ماهي کان 26.79 سيڪڙو وڌيڪ آهي، هن چيو تہ اهو سنگ ميل درآمدات ۾ 2.5 سيڪڙو جي نالي ماتر واڌ جي باوجود حاصل ڪيو ويو آهي ۽ اهڙي ريت ملڪي ٽيڪسن ۾ 47 سيڪڙو جي نمايان واڌ حاصل ڪئي وئي آهي. هن اميد ظاهر ڪئي تہ ايف بي آر هلندڙ سال دوران 2.5 ٽرلين يعني 2500 ارب کان مٿي ٽيڪس گڏ ڪرڻ ۾ ڪامياب وينداسين. گرڏاري مل اشارن مان معلوم ٿئي ٿو تہ "معاشي بدحالي معاشي بحاليءَ ۾ تبديل ٿي رهي آهي." هن نوٽ ڪيو ۽ ان عزم جو اظهار ڪيو تہ ايف بي آر قومي معيشت کي معاشي بحرانن مان ڪڍڻ لاءِ حڪومتي ڪوششن ۾ حصو وٺڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. هن ٻڌايو تہ ٽيڪس وصولي ۾ واڌ بئنڪنگ، ڪاٽن جننگ، اليڪٽرڪ اينڊ اليڪٽرانڪس، ايف ايم سي جيز ۾ مثبت واڌارو آيو انشورنس، دواسازي، سافٽ ويئر ۽ شپنگ جا شعبا شامل آهن جڏهن تہ ٽيڪس گهٽ ملڻ وارن شعبن ۾ آٽو موبائيل ۽ آٽو پارٽس، تعميرءَ تيل جي ڳولا جا شعبا شامل آهن جيڪي منفي زون ۾ رهيا. هن ٻڌايو تہ هلندڙ مالي سال جي ابتدائي 6 مهينن ۾ 75 بلين جا ريفنڊ جاري ڪيا ويا. اها رقم گذريل سال جي 36 ارب رپين جي ڀيٽ ۾ 103 سيڪڙو وڌيڪ آهي. هن چيو تہ ايل ٽي او گهريلو ۽ درآمدي مرحلن تي ٽيڪس جو تفصيلي تجزيو ڪيو آهي جڏهن تہ سڌي طرح ٽيڪس ۽ نان وٿ هولڊنگ ٽيڪسن مان گڏ ڪرڻ جو تناسب پڻ بهتر ٿيو آهي. عدالتي ڪيسن جا تفصيل شيئر ڪندي ڪمشنرآءِ آر ٻڌايو تہ سپريم ڪورٽ ۾ 38 ارب رپين جا 1019 ڪيس ٻڌڻي هيٺ آهن. هاءِ ڪورٽن ۾ 2408 ڪيس آهن جن ۾ 331 ارب رپين جي تڪراري رقم شامل آهي جڏهن تہ ٽيڪس ٽربيونل 4787 ڪيسن جي ٻڌڻي ڪري رهيا آهن. ڪيسن ۾ 1121 ارب رپين کان وڌيڪ ٽيڪس جي رقم جمع آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو تہ ايف بي آر 1996 ع ۾ آٽوميشن جو عمل شروع ڪيو هو ۽ ان ۾ بتدريج بهتري آئي آهي ۽ هاڻي ايف بي آر ۾ اڪثر عمل خودڪار ٿي چڪو آهي. هڪ ٻئي سوال تي هن چيو تہ ٽيڪس جي تعميل ۽ پرتي لاءِ ڪوششون جاري آهن ڇوتہ ڏٺو ويو آهي تہ ڪجهہ ماڻهو اهڙا آهن جيڪي وڏيون ٽرانزيڪشن ڪري رهيا آهن پر اهي نان فائلر آهن. هن وڌيڪ چيو تہ ڪين ڪجهہ سهولتن جي فراهمي کي روڪڻ لاءِ ڪارروائي ڪئي پئي وڃي ۽ سندن فون سمز بہ بلاڪ ڪيا وڃن.

بقايا *** 19

روس، چين، ايران، سعودي عرب، الجزائر، آذربائيجان، وچ آفريڪي ڪموروس ۽ ويتنام بہ خاص واچ لسٽ ۾ نامزد آهن. آمريڪي پرڏيهي وزير انٽوني بلنڪن چيو آهي تہ حڪومتن کي مذهبي اقليتي برادرين جي ميمبرن ۽ انهن جي عبادت گاهن تي حملن کي ختم ڪرڻ گهرجي.

بقايا *** 20

قرارداد جي ڪا آئيني حيثيت ناهي. پ پ سينيٽ پاران اهڙي قسم جي ٺهراءَ جي منظوري جي مزمت ڪري ٿي. نثار احمد کهڙو چيو تہ چيئرمين سينيٽ چونڊن ملتوي ڪرڻ جي آئوٽ آف ٽرن قرارداد پيش ٿيڻ جي اجازت ڏئي سازش ۾ سهولت ڪئي آهي. پ پ سنڌ جي صدر چيو تہ سينيٽ جو ڪورم پورو نہ هجڻ جي باوجود چيئرمين سينيٽ ٺهراءِ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏئي جمهوريت جي خلاف پنهنجي نيعت ظاهر ڪري ڇڏي آهي. نثارکهڙو چيو تہ 12 ميمبرن پاران ٺهراءِ منظور ڪرڻ سان چونڊون ملتوي نہ ٿيون ٿي سگهن. هن گهر ڪئي تہ 8 فيبروري تي شفاف چونڊون ڪرائي ملڪ کي عوامي نمائندن حوالي ڪيو وڃي. هن چيو تہ چونڊن کان سواءِ ملڪ هنوقت عوام کان ڪسيل آهي. هن ياد ڏياريو تہ آئيني طور تي نگران حڪومت 3 مهينن ک ان وڌيڪ اقتدار ۾ نہ ٿي رهي سگهي. اليڪشن نہ ڪرائڻ لاءِ محسن ۽ امن امان جي خراب صورتحال جو ڪوئي جواب ناهي.

بقايا *** 21

کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا. پني عاقل ويجهو قومي شاهراهہ تي تيزرفتار مسافرڪوچ کاهي ۾ ڪري پئي، 3 ڄڻا فوت ٿي ويا ۽ 17 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا. حادثي ۾ طارق علي، شاهد علي سميت 3 ڄڻا فوت ٿي ويا، فوتي طارق جو مڙهہ وارث ڪراچي کڻائي ويا. جڏهن تہ زخمين ۾ عائشہ، ريحانہ، جان محمد، ايان علي، حمزه، عزت الله، حاجي محمد، ندا، عمران علي، عليشبا ۽ ٻيا شامل آهن. ٽيڪسيلا واسي فوتي شاهد جو لاش اسپتال ۾ پيل، ٽئين فوتي جي سڃاڻپ نہ ٿي، زخمين مان ڪجهہ جي حالت خراب ٻڌائي وئي، اسپتال انتظاميا موجب هڪ فوتي جي سڃاڻپ نہ ٿيڻ ڪري نادرا جي بائيو ميٽرڪ ذريعي فنگر پرنٽس ڪرايا ويا آهن. مسافرن موجب حادثو ڊرائيور کي ننڊ اچڻ سبب پيش آيو مسافر ڪوچ ڪراچي کان پشاور طرف وڃي رهي هئي تہ سانگي ويجهو قومي شاهراهہ تي حادثو پيش آيو

بقايا *** 22

جو احسان آهي ٻيو ڪنهن جو ناهي. بيوقوف ناهيا، هن چيو تہ منهنجي امڙ جيڪا هن دنيا ۾ ناهي ان جي بيماري دوران فيصلو ڪندڙن مون تي فيصلوڪندڙن ڏنڊ لڳايو هو ۽ ڪردار ڪشي ڪئي هئي. احتساب تہ انهن جو بہ ٿيندو، سود سميت ان لاءِ مون کي 20 سال ٿي انتظار ڇونہ ڪرڻو پوي. فيصل واوڊا چيو تہ الله جو هر وقت شڪر ڪريان ٿو تہ فيصل واوڊا جي ڪلهن تي رکي ميان نواز شريف ۽ ٻيا ماشاالله سان اهل ٿيندا پيا وڃن. اڳوات مبارڪ ڏيان ٿو تہ لولي لنگڙي ن ليگ جو وزيراعظم انهيءَ واوڊا ڪلهي جو سهارو وٺي اقتدار ۾ اچي رهيو آهي. بيان ۾ فيصل واوڊا چيو تہ ڪٿي تير ڪٿي نشانو ايترو جلد تندور تي نان نٿو پچي جيتري تڪڙ هن ڪم تي ڪئي پئي وڃي. واهہ جا ڪمال ملڪ آهي.

بقايا *** 23

جا ٿرپارڪر جي اين اي 214 تان نامزدگي ڪاغذ منظور ڪري ورتا. رٽرننگ آفيسر طرفان شاهہ محمود قريشي ۽ زين قريشي جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪرڻ واري فيصلي کي چئلينج ڪيو ويو هو اليڪشن ٽربيونل جي جج جسٽس عدنان الڪريم ميمڻ ٻڌڻي هلائيندي آر او جا اعتراض رد ڪندي پي ٽي آءِ اڳواڻن جا نامزدگي فارم منظور ڪري ڇڏيا. اليڪشن ٽربيونل رٽرننگ آفيسرجي فيصلي خلاف مليرجي اين اي 238 تان حليم عادل کي بہ اليڪشن وڙهڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي.

بقايا *** 24

سان ڳالهائيندي اطلاعات ۽ نشريات واري نگران وزير مرتضيٰ سولنگي چيو تہ چونڊون ڪرائڻ يا اهي ملتوي ڪرڻ جو اختيار رڳو اليڪشن ڪميشن وٽ آهي. هن چيو تہ سينيٽ ۾ چونڊون ملتوي ڪرڻ جي ٺهراءَ تي دليل ڏيڻ جو موقعو نہ مليو. وزيراعظم يا ڪابينا طرفان چونڊون ملتوي ڪرڻ جي حوالي سان ڪو حڪم نہ هو اهو اليڪشن ڪميشن جو اختيار آهي. اسان ڪنهن آئيني اداري جي معاملن ۾ مداخلت نٿا ڪري سگهون. سندس چوڻ هو تہ ٺهراءِ ۾ حقيقي مسئلا پيش ڪيا ويا آهن. پارلياماني سياست ۽ چونڊن جي تاريخ ۾ اهي مسئلا اڳ بہ موجود رهيا. سيڪيورٽي جي فراهمي سميت موسم ۽ ٻين مسئلن جو خيال رکڻ حڪومت جي ذميواري آهي پر ڪنهن تڪ مان اهڙو اشارو ناهي مليو تہ چونڊون ملتوي ٿيڻ گهرجن.

بقايا *** 25

نامزدگي ڪاغذن جي منظوري خلاف اپيل تي ٻڌڻي ٿي اپيليٽ ٽربيونل ريٽرننگ آفيسر کي نوٽيس جاري ڪندي جواب طلب ڪري ورتو ان حوالي سان اپيل ۾ موقف اختيار ڪيو ويو تہ شهباز شريف آئين جي آرٽيڪل 62 ۽ 63 تي پورو نٿو لهي. ان کان علاوه پي ٽي آءِ اڳواڻ حماد اظهر جا نامزدگي ڪاغذ رد ٿيڻ خلاف داخل اپيل تي بہ ٻڌڻي ٿي. اليڪشن ٽربيونل آر او کي نوٽيس جاري ڪندي جواب طلب ڪري ورتو اپيل ۾ موقف اختيار ڪيو ويو تہ رٽرننگ آفيسر قانون جي ابتڙ نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا.

بقايا *** 26

جي اڳواڻ عمر ايوب جا قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 18 هري پور تان نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا هئا جنهن خلاف هن اليڪشن ٽربيونل ۾ پٽيشن داخل ڪئي هئي. اليڪشن ٽربيونل اين اي 18 تان عمر ايوب تي اعتراض ڪندڙ بابر نواز جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي جنهن دوران ٻنهي هڪٻئي خلاف پنهنجا اعتراض واپس وٺي ڇڏيا. ٽربيونل اعتراض واپس وٺڻ ڪانپوءِ ٻنهي اميدوارن کي اين اي 18 تان چونڊ وڙهڻ جي اجازت ڏيندي سندن نامزدگي ڪاغذ منظور ڪري ورتا.

بقايا *** 27

ڪرڻو آهي. هن چيو تہ آمريڪا پاڪستان ۾ ڪنهن بہ ڪنهن هڪ اميدوار يا پارٽي کي اهميت ناهي ڏيندو. آمريڪا جي دلچسپي جمهوري عمل ۾ آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ آمريڪي پرڏيهي کاتي جي ترجمان جو چوڻ هو تہ پي ٽي آءِ باني جا الزام بي بنياد آهن. آمريڪا چاهي ٿو تہ چونڊون پاڪستاني قانون موجب آزاد ۽ منصفاڻيون ٿين. ميٿيو ملر جو چوڻ هو تہ آمريڪا پاڪستان کي نٿو چئي سگهي تہ چونڊون ڪيئن ڪرايو. پاڪستان ۾ جمهوري اظهار ۽ متحرڪ جمهوريت جي حمايت جاري رکنداسين.

بقايا *** 28

انصاف جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي وزير مراد سعيد خلاف نئين انڪوائري شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ ان حوالي سان نيب اليڪشن ڪميشن کي خط بہ لکيو آهي. نيب ذريعن موجب مراد سعيد مفرور ۽ ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گهربل آهي. ياد رهي تہ مراد سعيد عام چونڊن لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا هئا. جيڪي رد ڪيا ويا هئا.

بقايا *** 29

سندس ڌيءَ 20ورهين جي ريما جا لاش اسپتال منتقل ڪيا ويا. واقعي جو اطلاع ملندي ئي پوليس پهچي وئي. ماءُ ۽ ڌيءَ جي قتل تي پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي. ايس ايس پي ملير طارق الاهي مستوئي چيو تہ ٻن جوابدارن گهر ۾ گهڙي ماءُ ۽ ڌيءُ کي قتل ڪيو ايس ايس پي ملير ٻڌايو تہ شروعاتي طور واقعو ذاتي دشمني جو نتيجو لڳي ٿو شاهدين گڏ ڪيون پيون وڃن

بقايا *** 30

. عمران خان الزام هنيو آهي تہ ليول پليئنگ فيلڊ تہ پري جي ڳالهہ. اسٽيبلشمينٽ پي ٽي آءِ کي شروع کان فيلڊ ڏيڻ لاءِ تيار ناهي. هن چونڊن تي شڪ شبهن جو اظهار ڪيو ۽ لکيو تہ 8 فيبروري تي چونڊن جو اعلان ٿي چڪو پر گذريل سال مارچ ۾ سپريم ڪورٽ جي واضح حڪم باوجود پنجاب ۽ خيبر پختونخواهہ ۾ چونڊون نہ ڪرايون ويون. پي ٽي آءِ باني 90 ڏينهن ۾ چونڊون نہ ڪرائڻ تي نگران حڪومتن کي غير قانوني قرار ڏنو واضح رهي تہ آمريڪي ۽ پاڪستاني اختيارين ڪيترائي ڀيرا پي ٽي آءِ باني جي الزامن تي ترديد ڪري چڪيون آهن. آمريڪي پرڏيهي کاتي هڪ ڀيرو ٻيهر برطانوي رسالي جي مضمون ۾ عمران خان طرفان لڳايل الزامن کي رد ڪيو آهي.

بقايا *** 31

ايم جي منشور بابت چيو تہ هي دستاويز رڳو مسئلا نہ پر انهن جو حل بہ ٻڌائي ٿو. هن چيو تہ بلوچستان جو وڏو وزير بلوچ رهيو ۽ سنڌ جو سنڌي رهيو آهي. اڄ تائين هزارين ارب رپيا بلوچ وڏي وزيرهٿان خرچ ٿيا. سنڌ ۾ بہ هزاري ارب رپيا سنڌي وڏي وزيرهٿان خرچ ٿيا. سنڌ ۾ هر وڏو وزيرسنڌي ۽ بلوچستان ۾ بلوچ رهيو آهي. سندس چوڻ هو تہ صوبن کي جيڪي پئسا ملي رهيا آهن. اهي ڪٿي خرچ ٿي رهيا آهن؟ تالي جون چاپيون توهان وڏي وزير کي ڏئي ڪرپشن ڪرائي رهيا آهيو. ماڻهن کي محروم ڪندئو تہ دهشتگردي جون فيڪٽريون نهنديون.

بقايا *** 32

تشريح واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي رهي آهي. جنهن دوران چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ پنهنجي ريمارڪس ۾ چيو آهي تہ آئين کي ايترو ڏکيو نہ بڻايو وڃي تہ ماڻهو پنهنجون شيون وڃائي ويهي. چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ 7 رڪني بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. لارجر بينچ ۾ جسٽس منصور علي شاهہ. جسٽس يحيٰ آفريدي. جسٽس امين الدين خان. جسٽس جمال مندوخيل. جسٽس محمد علي مظهر ۽ جسٽس مسرت هلالي شامل آهن ٻڌڻي دوران چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ چيو تہ اسان فيصلو ڪيو آهي تہ چونڊن بابت انفرادي ڪيس نہ ٻڌنداسين. آئين جي تشريح بابت ڪيس ٻڌنداسين. چونڊن بابت انفرادي ڪيس جي ٻڌڻي ايندڙ هفتي ٻي بينچ ۾ ٿيندي. چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ چيو آهي تہ نيب قانون ۾ سزا 10 سال هئي، آئين عوام لاءِ آهي وڪيلن لاءِ ناهي. آئين کي سادو بڻايو وڃي. آئين کي ايترو ڏکيو نہ بڻايو وڃي جو عوام جو اعتماد ختم ٿي وڃي. فلسفاتي ڳالهائڻ بدران سادو ڳالهايو تشريح واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي رهي آهي، جنهن دوران چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ پنهنجي ريمارڪس ۾ چيو آهي تہ آئين کي ايترو ڏکيو نہ بڻايو وڃي تہ ماڻهو پنهنجون شيون وڃائي ويهي. چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ 7 رڪني بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي لارجر بينچ ۾ جسٽس منصور علي شاهہ. جسٽس يحيٰ آفريدي. جسٽس امين الدين خان. جسٽس جمال مندوخيل. جسٽس محمد علي مظهر ۽ جسٽس مسرت هلالي شامل آهن ٻڌڻي دوران چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ چيو تہ اسان فيصلو ڪيو آهي تہ چونڊن بابت انفرادي ڪيس نہ ٻڌنداسين. آئين جي تشريح بابت ڪيس ٻڌنداسين. چونڊن بابت انفرادي ڪيس جي ٻڌڻي ايندڙ هفتي ٻي بينچ ۾ ٿيندي. چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ چيو آهي تہ نيب قانون ۾ سزا 10 سال هئي، آئين عوام لاءِ آهي وڪيلن لاءِ ناهي. آئين کي سادو بڻايو وڃي. آئين کي ايترو ڏکيو نہ بڻايو وڃي جو عوام جو اعتماد ختم ٿي وڃي. فلسفاتي ڳالهائڻ بدران سادو ڳالهايو

بقايا *** 33

جو مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري مولانا مسعود الرحمان عثماني مارجي ويو پوليس ذريعن موجب اسلام آباد جي غوري ٽائون ۾ انجاتل موٽر سائيڪل سوارن گاڏي تي فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ مولانا مسعود الرحمان عثماني ۽ ڊرائيور زخمي ٿي پيا. جن کي طبي امداد لاءِ اسپتال نيو ويو سني علماءِ ڪائونسل ٻڌايو تہ فائرنگ جي واقعي ۾ زخمي مولانا مسعود الرحمان مارجي ويو پوليس موجب مولانا مسعود الرحمان سني علماءِ ڪائونسل جو مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري هو. پوليس جو چوڻ آهي تہ جوابدارن جي ڳولا لاءِ سرچ آپريشن جاري آهي.

بقايا *** 34

معاملي جي ٻڌڻي 8 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي. ٻڌڻي دوران نواز شريف طرفان بئريسٽر جهانگير جدون ٽربيونل ۾ پيش ٿيو اليڪشن ٽربيونل چيو تہ پارليامينٽ ميمبرن جي نااهلي جو ڪيس سپريم ڪورٽ ۾ ٻڌڻي هيٺ آهي. سپريم ڪورٽ جي فيصلي جو انتظار آهي. واضح رهي تہ اين اي 15 مانسهره مان اعظم خان سواتي نواز شريف جا نامزدگي ڪاغذ چيلينج ڪيا هئا.

بقايا *** 35

سندس ڌيءَ 20ورهين جي ريما جا لاش اسپتال منتقل ڪيا ويا. واقعي جو اطلاع ملندي ئي پوليس پهچي وئي. ماءُ ۽ ڌيءَ جي قتل تي پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي. ايس ايس پي ملير طارق الاهي مستوئي چيو تہ ٻن جوابدارن گهر ۾ گهڙي ماءُ ۽ ڌيءُ کي قتل ڪيو ايس ايس پي ملير ٻڌايو تہ شروعاتي طور واقعو ذاتي دشمني جو نتيجو لڳي ٿو شاهدين گڏ ڪيون پيون وڃن

بقايا *** 36

جو احسان آهي ٻيو ڪنهن جو ناهي. بيوقوف ناهيا، هن چيو تہ منهنجي امڙ جيڪا هن دنيا ۾ ناهي ان جي بيماري دوران فيصلو ڪندڙن مون تي فيصلوڪندڙن ڏنڊ لڳايو هو ۽ ڪردار ڪشي ڪئي هئي. احتساب تہ انهن جو بہ ٿيندو، سود سميت ان لاءِ مون کي 20 سال ٿي انتظار ڇونہ ڪرڻو پوي. فيصل واوڊا چيو تہ الله جو هر وقت شڪر ڪريان ٿو تہ فيصل واوڊا جي ڪلهن تي رکي ميان نواز شريف ۽ ٻيا ماشاالله سان اهل ٿيندا پيا وڃن. اڳوات مبارڪ ڏيان ٿو تہ لولي لنگڙي ن ليگ جو وزيراعظم انهيءَ واوڊا ڪلهي جو سهارو وٺي اقتدار ۾ اچي رهيو آهي. بيان ۾ فيصل واوڊا چيو تہ ڪٿي تير ڪٿي نشانو ايترو جلد تندور تي نان نٿو پچي جيتري تڪڙ هن ڪم تي ڪئي پئي وڃي. واهہ جا ڪمال ملڪ آهي.

بقايا سنڌيار 01

جي وڏي انگ شرڪت ڪئي ان موقعي تي پيپلزپارٽي جي اڳواڻن ضلعي صدر حاجي رمضان چانڊيو جنرل سيڪريٽري حاجي سائين بخش جمالي ضلعي چيئرمين علي اصغر هاليپوٽو، محمد اسماعيل راهو، محمد صالح هاليپوٽو، حاجي تاج محمد ملاح سردار حاجي رسول بخش چانڊيو محمد اسلم راهو سردار غلام رسول سومرو رئيس عبدالغفور نظاماڻي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو دنيا جو مڃيل ليڊر هو جنهن پنهنجي ملڪ ۽ قوم لاءِ جدوجهد ڪندي شهادت ماڻي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي جنهن طريقي سان شهيد. ذوالفقار علي ڀٽو کي شهيد ڪيو ويو اها تاريخ ڪنهن کي به معاف نه ڪندي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سان پوري دنيا محبت ڪري ٿي اڄ به عوام جي دلين ۾ صرف شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ئي راڄ ڪري ٿو هنن چيو ته هن وقت ٿيندڙ اليڪشن 2024 ۾ شهيدن جي نقشي قدم تي هلندڙ پيپلزپارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ئي ڪامياب ٿي پاڪستان جو وزيراعظم ٿيندو تقريب جي آخر ۾ پيپلزپارٽي جي باني چيئرمين شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 96 هين سالگره جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو

بقايا سنڌيار 02

جي عوامي پريس ڪلب تي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان جي پيءُ جو ڪجهه وقت اڳ ايڪسيڊنٽ ٿيو هو جنهن ڪانپوءِ سنڌس ورثاءِ ۾ وڏو ڦيرو اچي ويو هنن چيو ته ان ڳالهه جو فائدو وٺندو مخالف ماڻهو ڪيس ڀڙڪائي اسان جي خلاف سنڌس ذهن ۾ منفي ڳالهايون وجهي رهيا آهن اهڙي ۾ اسان کي اهو ڊپ آهي ته مخالف ان ڳالهه جو فائدو وٺي اسان جي وچ ۾ اختلاف پيدا ڪرائي اسان کي پنهنجي ملڪيت مان بي دخل ڪرائڻ چاهين ٿا هنن ان حوالي سان چيو ته والد صاحب جي ذهني ناچاڪي سبب لاڳاپيل ماڻهن کي اپيل ڪريون ٿا ته سائنس ڪنهن به قسم جي ڪا خريد فروخت نه ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 03

تائين محدود. رپورٽ موجب ٽنڊوباگو شهر جي مين بازار، ڊيٽي روڊ، پنگريو روڊ، الله والا چونڪ، باگو واهه موري، مين بس اسٽاپ، ڊيٽي مرڪ، هائي اسڪول روڊ، ڊاڪٽر گلي، موروائي چونڪ سميت شهر جي ڪيترن ئي علائقن ۾ غير قانوني حد دخلين جو آزار وڌي ويو آهي شهر جي مين روڊن تي غير قانوني طور تي وينن جا اڏا، رڪشا اسٽاپ ۽ ٽيڪسي اسٽاپ هجڻ سميت ٻالرن ۽ واپارين پاران روڊن ۽ بازارن ۾ صندل رکي ۽ غير قانوني اڏاوتون ڪرڻ سميت پنهنجا سامان دڪانن بجاءِ روڊن تي سٽي روڊ ۽ بازارون سوڙهيون ڪري ڇڏيون آهن ته ٻي پاسي وري شهر جي مين ڊاڪٽر گلي ۾ شاپنگ سينٽر، اسپتالون ۽ ميڊيڪل اسٽور هجڻ ڪري ماڻهن پاران موٽر سائيڪل پارڪنگ ڪرڻ سبب ڊاڪٽر گلي جام ٿيڻ ڪري علاج لاءِ ايندڙ مريض توڙي شهري ڏچي ۾ اچي ويا. هوڏانهن وچ شهر مان گذرندڙ باگو واهه جي ٻنهي ڪپرن تي بااثر ماڻهن غير قانوني اڏاوتون ۽ مال جا واڙا ناهي ڇڏيا آهن. جڏهن ته ٽنڊوباگو شهر ۾ ٽريفڪ اهلڪارن طرفان ڊيوٽيون نه ڪرڻ ڪري باءِ پاس هوندي به هيوي ٽريفڪ جو وچ شهر مان گذرڻ ڪري ٽريفڪ جو جام ٿيڻ معمول بڻيل آهي. جنهن ڪري مسافرن توڙي شهرين کي تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. شهر ۾ غير قانوني حد دخلين جي آزار خلاف شهر جي هڪ وڪيل طرفان ڪيس عدالت ۾ ڪئي وڃڻ ڪانپوءِ انتظاميا طرفان حرڪت ۾ اچي ڪارروائي صرف موروائي چونڪ تي بيٺل ريڙها هٽرائڻ تائين محدود رکي وئي آهي. باقي سڄي شهر ۾ حد دخليون جيئن جو تيئن برقرار آهن. ٻي پاسي ٽنڊوباگو شهر جي ريڙها هلائيندڙ مزدورن زاهد سائي، پون ڪولهي، غلام ميمڻ ۽ ٻين ميڊيا کي ٻڌايو ته هن مهانگائي جي دور ۾ اسان پنهنجي حق حلال جو روزگار ڪرڻ خاطر ريڙها هلائي پنهنجي ٻچن جو پيٽ گذر ڪندا آهيون. انتظاميا پاران بااثر قبضا مافيا کي رعايت ڏئي رڳو اسان کي بيروزگار ڪيو ويو آهي. ٽنڊوباگو جي شهرين ڊپٽي ڪمشنر بدين، اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوباگو ۽ انڪروچمينٽ آفيسرن کان مطالبو ڪيو ته شهر مان فورن حد دخلين، غير قانوني اڏاوتن ۽ روڊن تي قائم گاڏين جا اڏا ختم ڪري شهر جي رونق بحال ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 04

ڊاڪٽر اسد ڪلهوڙو ڪئي. جڏهن ته DMS ڊاڪٽر بدرالدين ابڙو، ADHO ڊاڪٽر عبدالفتاح راڄپر، ڊاڪٽر محمد صفر چنڊ، ڊاڪٽر حاڪم علي جوکيو، ڊاڪٽر وڃي ۽ ٻين چيو ته 8 جنوري 2024 کان پوليو مهم جو آغاز ٿي رهيو آهي ان سلسلي ۾ مهم ۽ جاڳرتا ريلي ڪڍي رهيا آهيون ته جيئن ڪو ٻار پوليو جا قطرا پيئڻ کان رهجي نه وڃي جيڪڏهن ڪو ٻار پوليو جهڙي خطرناڪ ۽ موذي مرض ۾ مبتلا ٿي ويو ته سڄي عمر لاءِ معذور بڻجي ويندو انڪري والدين پوليو کان بچاءَ جا قطرا پنهنجي ٻارڙن کي پيارين ته جيئن ٻار پوليو کان بچي سگهن اڳواڻن چيو ته هڪ ڏينهن جي ڄاول ٻار کان 5 سالن جي عمر تائين جي ٻارن کي پوليو جا ڦڙا لازم پيارين ته جيئن ٻار هن موذي مرض کان بچي سگهن.

بقايا سنڌيار 05

پريس ڪلب اڳيان عوامي تحريڪ جي مرڪزي نائب صدر ايڊووڪيٽ ساجد حسين مهيسر، مرڪزي اڳواڻ ڪامريڊ سرتاج احمد چانڊيو، مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري ما نور ملاح، ضلعي صدر ايڊووڪيٽ نجيب الرحمان مهيسر هاري تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ يعقوب پنهور ڪامريڊ غلام مصطفي چانڊيو، سنڌي مزدور تحريڪ جو مرڪزي صدر حاجي خان سمون، ايڊووڪيٽ ذوالفقار چانڊيو، هادي بخش ڪونهارو، محمد عرس بروهي، ايڊووڪيٽ مشتاق احمد چانڊيو، ايڊووڪيٽ شبير احمد ڪوسو، بخت علي ملاح، مياندا ڏ برهماڻي، بلاول ٻبر، منظور سوڍر، عبدالوحيد برهي، ڪامريڊ سڌير چانڊيو، برڪت علي ملاح، ڪامريڊ يعقوب ڪوسو، ايڊووڪيٽ امتياز علي مهيسر، ايڊووڪيٽ داد محمد مگسي، امتياز سيال ۽ ٻين جي اڳوائي، علامه آءِ آءِ قاضي لائبريري کان دادو پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪري پريس ڪلب اڳيان بک هڙتال ڪئي وئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي عوامي تحريڪ جي اڳواڻن چيو ته پيپلز پارٽي سرڪار پنهنجي سموري اقتداري دور ۾ سنڌ جي انچ انچ کي نيلام ڪيو آهي. هنن چيو ته ڪارپوريٽ زرعي فارمنگ ۽ زرعي انقلاب جي نالي ۾ سنڌ جي زمينن تي قبضا ڪيا پيا وڃن ڪارپوريٽ زرعي فارمنگ سنڌ جي زمينن جي نيلامي جو پروانو آهي گورک هل اسٽيشن ۾ اربين روپين جي ڪرپشن وسيلي سنڌ جي سياحتي ماڳ کي کنڊر بڻايو ويو آهي ڦهري ضيائي مارشل لا واري وقت کان وٺي پيپلز پارٽي جي سمورن حڪومتي دورن ۾ گورک جي هزارين ايڪڙ زمين ڪيٽل فارم جي نالي ۾ ڌارين ۽ مختلف ڪمپنين ۽ ادارن کي ڏني وئي آهي. هاڻي ته آبادگارن کان زراعت ،هارين کان هاريو ۽ مالوند ماڻهن کان مال تي گذر سفر ڪرڻ وارو ڏنڊو به کسيو پيو وڃي. جيڪڏهن زمينن سنڀالڻ ،زراعت ۽ هاريو ڪرڻ مال ڌارڻ وارا ڪم به مخصوص ڪمپنين ۽ ادارن حوالي ڪيا ويا ته ڪروڙين ماڻهو بي روزگار ٿي بکون ڪاٽڻ ۽ خودڪشيون ڪرڻ مجبور ٿيندا ان ڪري ضروري آهي ته سمورا ادارا ملڪي آئين مطابق پنهنجو ڪم سرانجام ڏين اڳواڻن چيو ته گورک ،ڪينجهر هاليجي پنهور سميت سنڌ جي تاريخي ماڳن مڪانن ۽ تفريح گاهن تي ته قبضا گير مافيا قبضو ڪري چڪا آهن. ڪارپوريٽ زرعي فارمنگ جي آڙ ۾ ڪاڇي جي لکين ايڪڙ زمين عالمي ڪمپنين ۽ عسڪري ادارن کي ڏيڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن. گئس ۽ تيل جي ذخيرن سان مالا مال دادو جي ڪاڇي واري علائقي کي صديون پوئتي ڌڪيو ويو آهي. دادو، جوهي، ڪي اين شاهه، ميهڙ واهي پانڊي کي هزارادو ٻوڏائي لکين ماڻهن کي دربدر ڪري سڄي ضلعي کي کنڊر بڻايو ويو آهي. مقامي سردارن جي سرپرستي ۾ دادو مان امن جو پکي اڏامي ويو آهي. چورين ۽ ڦرن جون وارداتون وڌي ويون آهن ضلعي جي انتظاميه مقامي سردارن ۽ وڏيرن جي ونگارو بڻيل آهي هنن چيو ته بي حس حڪمرانن هٿ وٺي گورک تي رستو ناهي ناهيو ته جيئن رهواسي تفريح لاءِ گورک تائين پهچي ئي نه سگهن. گورک جي کنڊر رستن سبب قبضا مافيا جي ڀيڳهي متل آهي. اڳواڻن چيو ته هڪ منظم سازش تحت سنڌ جي زراعت ۽ چوپائي مال جي ڪاروبار کي ڪاپاري ڌڪ رسايو ويو آهي. عوامي تحريڪ جي اڳواڻن مطالبو ڪندي چيو ته ڪارپوريٽ زرعي فارمنگ جي آڙ ۾ سنڌ جي زمينن جي نيلامي فوري طور بند ڪئي وڃي. سنڌ جي سياحتي ماڳ گورک هل اسٽيشن ۾ ٿيل اربين روپين جي ڪرپشن جي سپريم ڪورٽ جي ساک رکندڙ ججن جي ڪميشن جوڙي جاچ ڪئي وڃي سال 2022 ع جي هزارادو ٻوڏ ۾ ڪي اين شاهه، جوهي، ميهڙ سميت سموري ضلعي جا ماڻهو متاثر ٿيا، پر هڪ به متاثر کي گهر نهرائڻ جا پئسا ناهن مليا جنهنڪري سخت سيءَ ۾ ماروئڙا کليل آسمان هيٺ ويٺا آهن ٻوڏ متاثرن گهرن کان محروم آهن هن ميگا ڪرپشن تي اعليٰ عدالتي جاچ ڪميشن جوڙي وڃي ۽ ٻوڏ متاثرن کي گهر ڏيڻ سميت انهن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪيا وڃن. بي زمين هارين کي زمينون ڏنيون وڃن ۽ بي گهر ماڻهن کي گهر ٺهرائي گهرن جا مالڪاڻا حق ڏنا وڃن.

بقايا سنڌيار 06

ڳوٺن ۾ پهچڻ تي عوام شاندار آجيان پڻ ڪئي ، گلن جا هار پارائي اجرڪن ۽ ٽوپين جا تحفا پڻ پيش ڪيا . پيپلز پارٽي اميدوارن جي حمايت جو اعلان ڪيو جڏهن ته ڳوٺ حاجاڻو ۾ اسدالرحمن خان حاجاڻو، ڳوٺ ابل خان ۾ مقدم و ڪائونسلر اربيلو خان لهر، ڳوٺ عيدن لهر ۾ عيدن خان لهر، بيڪاري ۾ مشتاق بيڪاري، علي حسن خان لهر، ڳوٺ رسول بخش بروهي ۾ علي دوست بروهي، ماڇي ۾ فيروز سولنگي پاران منعقد ڪيل گڏجاڻين ۽ ڪارنر

گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي چڪن مؤسن، معززين، همدردن ۽ ڳوٺاڻن ڀرپور شرڪت ڪئي ۽ اليڪشن ۾ ڀرپور مدد ۽ ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪيو. ورڪ دوران اسدالرحمان خان حاجاڻو، ذوالفقار حاجاڻو، جمال الدين جهلن، آغا محمد صلاح الدين خان پٺاڻ، چيئرمين يوسي جنو ياسر خان حاجاڻو، مير منظور خان لهر، دلبر خان مهر ۽ ٻيا گڏ هئا. امتياز احمد شيخ ۽ شهريار خان مهر خطاب ڪندي چيو ته اسان عوام جي بغير ڪنهن تفريق جي حلقي جي عوام جي خدمت ڪندا رهيا آهيون. هر ڏکي وقت ۾ عوام جو ساٿ ڏنو آهي. 8 فيبروري تي تير کي ڀيو هٽي ڪامياب ڪنداسين. امتياز احمد شيخ ۽ شهريار خان مهر جو شريف ۽ روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل عمران مهر جي لاڏاڻي تي ماموغلام رسول مهر ۽ اوچتو کوهه ۾ ڪري فوت ٿيل اقرار احمد مهر جي لاڏاڻي تي مامي ديدار مهر سان تعزيت ڪئي.

بقايا سنڌيار 07

تي ڪجهه ڏينهن اڳ سعودي عرب عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ ويل ٺٽي جي معزز شخصيت ۽ ٺٽي جي اسلام پور محلي مان چونڊيل ڪائونسلر ڊاڪٽر محمد يوسف ميمڻ مرحوم جنهن جي عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ وقت سعودي عرب ۾ ئي وفات ٿي وئي هئي جي ايصال ثواب لاءِ ٿيل اجلاس ۾ قرآنخواني منعقد ڪئي وئي ۽ خصوصي دعا پڻ گهري وئي اجلاس ۾ ڳالهائيندي چيئرمين ميونسپل ڪميٽي ٺٽو ادا محمد ميمڻ پاران مرحوم ڊاڪٽر محمد يوسف کي ڀيٽا پيش ڪئي جڏهن ته وائيس چيئرمين عبدالعزيز ميمڻ پڻ خطاب ڪيو، اجلاس ۾ ڊاڪٽر مرحوم محمد يوسف ميمڻ مرحوم جي پٽ جنيد ميمڻ خصوصي طور تي شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 08

ذوالفقار علي سانگي ۽ جسٽس ارشاد علي شاهه جن الڳ الڳ ٻڌائي ڪئي. جڏهن ته پ پ اميدوار نعمان اسلام الدين شيخ ۽ ٻين اميدوارن تي اعتراض وارين درخواستن تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو آهي ۽ اپليٽ ٽربيونل سکر جي جسٽس ذوالفقار علي سانگي جي عدالت شهيد بينظير آباد جي پي ايس 37 جي تحريڪ انصاف جي اميدوارن محمد شهمير ۽ مکهڻش جي نامزدگي فارم رد ٿيڻ خلاف درخواست جي ريٽرننگ آفيسر جي اعتراضات تي ٻڌائي ڪئي ۽ سنڌس ٻني اميدوارن جا فارم بحال ڪري ڇڏيا، ۽ سنڌس آزاد اميدوارن تان اپليٽ ٽربيونل پي ايس 37 شهيد بينظير آباد جي ٻن اميدوارن محمد بلال ۽ نعيم العارفين جا به نامزدگي فارم بحال ڪيا ويا، جڏهن ته آر او طرفان جاڻايل اميدوارن جا نامزدگي فارم رد ڪيا هئا. جڏهن ته اپليٽ ٽربيونل سکر جي جسٽس ارشاد علي شاهه سکر جي اين اي 200 تي پ پ اميدوار نعمان اسلام شيخ خلاف آزاد اميدوار ديدار جتوئي جي اعتراض واري درخواست تي فيصلو محفوظ ڪيو. اپليٽ ٽربيونل پي ايس 24 سکر جي اميدوار تحريڪ انصاف سان واسطو رکندڙ عبدالعزيز ابڙو، علي ڏنور ۽ علي گوهر ڪوسو جي نامزدگي فارم بحالي لاءِ درخواست جي ٻڌائي ڪئي جڏهن ته ٻڌائي دوران ڌرين جي وڪيلن جا دليل ٻڌڻ بعد ٽنهي اميدوارن عبدالعزيز ابڙو، ماجد علي ڏنور ۽ علي گوهر ڪوسو جي نامزدگي فارم بحالي بابت درخواستن تي 9 جنوري تي فيصلو محفوظ ڪري ڇڏيو.

بقايا سنڌيار 09

جي حوالي سان پيغام ڏيندي چيو ته پيپلزپارٽي جي اقليتن پاران شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 96 وين سالگرهه شاندار نموني سان ملهائي وئي هئي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪنهن هڪ فرد يا هڪ پارٽي جو ليڊر ڪو نه هو هو سڀني جو قائد هو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هڪ بهادر ليڊر سان گڏ هڪ بهترين شخصيت جو مالڪ هو، انهن وڌيڪ چيو ته هن وقت ۾ ملڪ جي معاشي حالتن کي مضبوط ڪرڻ سميت عوام کي مهنگائي ۽ بيروزگاري کان نجات ڏيارڻ جي لاءِ اسانجي ليڊر بلاول ڀٽو زرداري ۽ اڳوائي سابقا صدر آصف علي زرداري وٽ موجود آهي. پيپلزپارٽي مخالف اتحادين کي 18 وين ترميم، صوبائي خودمختياري ۽ اين ايف سي ۾ صوبن کي وڌيڪ حصو ملڻ تي اک ۾ ڪنڊي جيئڻ چڀي رهيو آهي. 8 فيبروري تي پيپلزپارٽي هر سرپرائيز ڏيندي.

بقايا سنڌيار 10

ڪيمرامين ظفر ڪار حادثي ۾ فوت ڪوٽڙي ڪارحادثي پيش اچڻ سبب فوت، ڪوٽڙي روڊ حادثي ۾ ٻه ڄڻا فوت ٿي ويا سنڌن جنازو نماز ڳوٺ سنڌن آبائي ڳوٺ نارو شاهه لڳ ڳوٺ منو خان سولنگي ۾ ادا ڪئي وئي جتي پاڪستان ٽيلي ويزن جي پوري ٽيم ڪراچي هاسپيٽل پهتي جن کي وفاقي منسٽر انفارميشن مرتضي سولنگي چيو ته هن جي پوري مدد ڪئي وڃي ڪراچي پي ٽي وي جي سينٽر تان آيل سينئر پروڊيوسر سڪندر رند، حفيظ ميرجت ، اصغر علي جعفري ، انجنيئر بشير چنا ، اصغر علي جعفري ، انجنيئر بشير چنا ، PTV ضلعي نوشهرو فيروز نعمان چنا نيشنل پريس ڪلب صدر ايم ظفرنگر علي نواز سولنگي ، راجا رئيس سولنگي جنازي ۾ شرڪت ڪئي سنڌس گهرڀاتين ۽ ان جي والده چيو ته منهنجي پٽ کي پي ٽي وي ۾ سن ڪوٽا جي نوڪري ڏني وڃي.

بقايا سنڌيار 11

تي هلندڙ ترقياتي ڪم جو جائزو ورتو. دوري دوران يوسي 4 جو چيئرمين بشير خاصخيلي، يوسي 3 جو ڪائونسلر پرويز راڄپر، صفوران ٽائون ڪوآرڊينيٽر بادشاهه چانڊيو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. ان موقعي تي ٽائون چيئرمين راشد خاصخيلي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پيپلز پارٽي عوامي پارٽي آهي هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي ڪراچي جي ڀرپاسن وارن علائقن ۾ ترقياتي ڪم ڪرائي پاڻ ملهاير آهي پاڻ هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي ۽ ڪندا رهنداسين. هن وڌيڪ چيو ته مون جيڪي عوام سان واعدا ڪيا آهن انهن تي ڀرپور نموني سان ڪم ڪري رهيا آهيون. راشد خاصخيلي وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي جو هر نمائندو سياست کي عبادت سمجهي ڪري سياست ڪندو آهي. هر دور ۾ هرجڳهه تي جڏهن جڏهن پاڪستان پيپلزپارٽي جي نمائندن عوام جي بنيادي مسئلن کي حل ڪري عوام کي سهولتون فراهم ڪيون آهن ته

بقايا سنڌيار 12

کي ايٽمي طاقت بنائيندڙ شهيد قائد عوام وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽو جي 96 سالگرهه جي موقعي تي پاڪستان پيپلزپارٽي اڳواڻ سابق ايم پي اي دادو بئريسٽر پيرمجيب الحق ۽ پيردانش علي چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي دادو جي قيادت ۾ پير هائوس دادو تي پيپلزپارٽي جيالان ورڪرن ۽ سپورٽرن پاران سالگرهه تقريب منعقد ڪئي وئي ان موقعي تي ڪيڪ ڪاٽيو تقريب ۾ آيلن کي جيئي ڀٽو جي نعرن سان ڪارايو ويو ان موقعي تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ڀٽو خاندان پاران ڏنل قربانين تي روشني وڌي وئي ۽ شهيد کي ڀيٽا پيش ڪندي شهيدن جي روح کي ثواب دارين پهچائڻ لاءِ فاتح خواني ڪري دعا گهري وئي ان موقعي تي ايم عمر پنهور، امداد حسين ڏاروچ، وڪيل شفيع محمد ميمڻ، احمد نواز سولنگي، وڪيل انور علي ساهر، وڪيل حبيب لغاري، ڪامريڊ نظير احمد قمبراڻي گل مهران ڏاروچ، سردار رجب علي شاهاڻي، صفدر علي پنهور عبدالڪريم لغاري، ڪريم زئوش حاجي ڪارو عرف لياقت سومرو، گاڏهو سولنگي، وڪيل ڪوڙا خان ميمڻ، رئيس عمران علي پنهور ۽ ٻين شرڪت ڪئي سالگرهه جي تقريب اڳ پارٽي ورڪرن جي ميٽنگ ٿي جنهن ۾ دادو سٽي ۽ دادو تعلقه جو اليڪشن شيڊول ڏيڻ لاءِ باضابطا تاريخ مقرر ڪئي وئي، 7 جنوري آچر ڏينهن شام جو 4 وڳي دادو سٽي ۽ سومر ڏينهن 12 وڳي مجيهند جو دادو تعلقه جي ميٽنگ رکي وئي آهي ميٽنگ ۾ دادو سٽي جي سڀني ڪائونسلرن ورڪرن دادو تعلقه جي يوسي چيئرمين وائيس چيئرمين، ضلع ڪائونسلرن جي ميمبرن کي شرڪت لاءِ پابند ڪيو ويو آهي.

بقايا سنڌيار 13

جوڻيجو ممتاز سراز، ايوب دماچ، جي اڳوائي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ٽنڊوجام شهر ۽ ڀر پاسي ۾ ڦرن چورين جي وارداتن ۾ واڌ وٺي وئي آهي اڳواڻن ڦرون چوريون ڏاڍا ٽنڊوجام ۾ روز جو معمول بڻيل آهن ٽنڊوجام پوليس روڪٿام لاءِ ناڪام بڻيل آهي اڳواڻن. ٽنڊوجام سميت مختلف علائقن ۾ آئس چرس شراب جو وڪرو ٽنڊوجام پوليس جي سرپرستي هيٺ ڪيو پيو وڃي جو عام هلي رهيو آهي اڳواڻن. ٽنڊوجام ڦرلٽ ۽ منشيات کلي عام سبب ٽنڊوجام توڙي پسگردائي جي عوام غير محفوظ بڻجي وئي آهي اڳواڻن. ٽنڊوجام اعليٰ اختياريارن کان مطالبو ڪيو ڪريون ٽنڊوجام ۽ ڀر پاسي ۾ چورين ڦرن ۽ منشيات جي خاتمي لاءِ ڪاروائي ڪئي وڃي اڳواڻ. ايس ايڇ او ٽنڊو جام کي هٽائي ايماندار پوليس آفيسر مقرر ڪري بدامني کي پنهنجو ڌ ڏين جي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو ويو اڳوان.

بقايا سنڌيار 14

ٻين اناج منڊي کان هٿين ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي ريلي ڪڍي اسسٽنٽ ڪمشنر جي آفيس اڳيان احتجاج ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي اڳواڻن ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي چيو ته بلوچستان اسمگلنگ ٿيندڙ يوريا پاڻ اسسٽنٽ ڪمشنر محسن شيخ مختيارڪار عنايت الله جمالي ڪڍجي يوريا پاڻ ساڳئي واپارين کان پيسا وٺي واپس ڪيو آهي ۽ چند من پسند ماڻهن کي پاڻ ڏنو آهي اسان جو مطالبو آهي اسان کي يوريا پاڻ ڏنو وڃي ۽ هن ڪرپٽ آفيسرن کي هٽايو وڃي پاڻ من پسند ۽ ساڳئي واپارين جي ڏيڻ جي جاچ ڪرائي مٿن ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 15

جي اوطاق تي هيسباڻي برادري جي نوجوان پاران مچ ڪچهري ڪوٺائي وئي، مچ ڪچهري پريارو جي هيسباڻي برادري سميت آسپاس جي مختلف ڳوٺن مان سوين ماڻهن شرڪت ڪئي. مچ ڪچهري ۾

آيل مهمانن خاص پورٽ قاسم جي اڳوڻي ڊي جي فقير اشفاق علي هيسباڻي، فقير فيض محمد، ايف آءِ اي ڊپٽي ڊائريڪٽر فقير طاهر علي، فقير ذاڪر علي هيسباڻي فقير عجب علي هيسباڻي ۽ اڳوڻو ايرپي اي ڊاڪٽر عبدالستار راڄپر ۽ ڪيترين شرڪت ڪئي، مچ ڪچهري ۾ ناليواري فنڪارن پاران قومي گيت پيش ڪري مچ ڪچهري کي چڱيو جڏهن ته مختلف ضلعن لاڙڪانو، بدين خيرپور سميت ساهتي پوڙهي جي ناليوارن سگهڙن شرڪت ڪئي سگهڙن پاران ڏور، بيت، پروليون ۽ ڳجهارتون ٻڌائي ويلن کي ڪيو ڪنڊي خوب داد ماڻيو ميزبانن پاران آيل مهمانن سياسي سماجي اڳواڻن صحافين فنڪارن ۽ سگهڙن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ جو تحفو پاريا ويو. جڏهن ته سگهڙ مچ ڪچهري ۾ آيل مهمانن جي مان ۾ لنگر جو بندوبست پڻ ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 16

آف جرنلسٽس، سکر سيما چيهٽي، ڪيمرامين اينڊ فوٽو جرنلسٽ ايسوسي ايشن (پروگريسو پينل جا اميدوار بنا مقابلي چونڊجي آيل اميدوارن کي سکر پريس ڪلب پهچي مبارڪباد ڏني ۽ ڪين گلن جا هار پارايا پريس ڪلب آمد تي سکر پريس ڪلب جي عهديدارن ۽ ميمبرن سنڌس ڀرپور آجيان ڪئي . ان موقعي تي هن پروگريسو پينل جي سربراهه ۽ PFUJ جي مرڪزي فنانس سيڪريٽري لالا اسد پٺاڻ کي سموري پينل پاران بنا مقابلي چونڊجڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ نيڪ خواهش جو اظهار ڪندي چيو ته اسان صحافين، سماجي، مذهبي، سياسي ڪارڪنن کي درپيش مشڪلاتن کان چڱي ريت واقف آهيون. اسان جو ۽ صحافين جو تعلق چولي دامن جيان آهي. پاڪستان ۾ جمهوريت لاءِ صحافين خاص ڪري ڪيمرا مين ۽ فوٽوگرافر جون ڪوششون ۽ قربانيون اسان جي تاريخ جو روشن باب آهن. پروفيشنل تنظيمن ۾ جمهوريت جي پاڙن جو مضبوط ٿيڻ خوشي جو باعث آهي. ڪين يقين ڏياريو ويو ته سنڌن جاري جدوجهد ۾ ڀرپور ساٿ ڏنو ويندو.

بقايا سنڌيار 17

کان مرڪزي قومي شاهراهه تي پهتي. جنهن بعد مڪلي کان ٿيندي مڪلي سول اسپتال پهچي ختم ٿي. ريلي ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو ضلعي، ضلعي هيلٿ آفيسر ٺٽو ڊاڪٽر سيد صفدر شاهه امير خاني، ڊاڪٽرز، نرسنگ اسٽاف، پيرا ميڊيڪل اسٽاف، سول اسپتال جي ميڊيڪل اسٽاف سميت ماڻهن جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 18

ميمڻ جي اڳوائي ۾ سنڌ فوڊ اٿارٽي شڪارپور جي ٽيم اسٽور گنج روڊ تي هڪ ڪارروائي دوران 400 ڪلوگرام سيئور لڳل اچار ضبط ڪري ورتي. سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم سيئور لڳل اچار وڪرو ڪندڙن تي هڪ لک رپيا ڏنڊ به لڳايو. ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر سمورن کاڌن جي ڪاروبار سان لاڳاپيل ماڻهن کي خبردار ڪيو آهي ته هو پنهنجي ڪاروبار ۾ غير صحتياب طريقا استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪن ۽ انهن کي چيو آهي ته هو پنهنجي کاڌ خوراڪ جو ڪاروبار ڪن ۽ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ضابطن تي عمل ڪن.

بقايا سنڌيار 19

به سکر پريس ڪلب اڳيان 94 ڏينهن کان احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري مسلسل ڏينهن رات احتجاج جاري رکيو آهي پر سنڌن داد رسي لاءِ ڪو به نه پهتو آهي سکر جي علائقي سنگرار مان اغوا ڪيل معصوم نياڻي پريا ڪماري ۽ سکر ايوب گيٽ وٽان اغوا ٿيل نوجوان علي اصغر منگريو، محرابپور مان اغوا ٿيل نوجوان شاگرد علي حسن ميمڻ 8 سالن کان گم ٿيل تعليمي لڪي غلام شاهه مان اغوا ڪيل عارف علي ابڙو،خيرپور وسير علي عبدالوهاب ميراڻي ۽ ڪراچي مان اغوا ڪيل بي نياڻي پريا ڪماري سميت سنڌ جي سمورن مغوين جي بازيابي لاءِ پريا ڪماري رهائي ڪميٽي طرفان سکر پريس ڪلب اڳيان جمعي ڏينهن ڊاڪٽر نذير ڪوکر مخدوم بلاول. زاهد منگريو، محمد اعظم منگريو، واجد بزدي ۽ ٻيا احتجاج ۾ شريڪ هئا ڊاڪٽر نذير ڪوکر ميڊيا کي ٻڌايو ته مغوين جي بازيابي لاءِ 124 ڏينهن کان مغوين جي بازيابي لاءِ راڻي پور کان تحريڪ جاري آهي سکر ۾ جدوجهد کي 94 ڏينهن مڪمل ٿيا آهن پر نه غريب اغوا ڪيلن لاءِ نه وفاقي ۽ سنڌ حڪومت ۽ نه ئي انصاف فراهم ڪندڙ ادارا ۽ انساني حقن لاءِ ڪم ڪندڙ ادارا پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهن ان ڏس ۾ سکر مان چونڊيل عوامي نمائندا، سياستدان، انساني حقن جي لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيمون، دانشور اديب ۽ شاعرن سميت ڪو به ماڻهو اڳتي اچڻ لاءِ تيار ناهي اهڙي صورتحال سبب اسان وٽ پرامن احتجاج واري هن جدوجهد کانسواءِ ٻيو ڪو رستو ناهي ملڪ جي اعليٰ عدالت سپريم ڪورٽ ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ کي به بار بار اپيلون ڪيون ويون آهن پر نوٽيس نه ٿو ورتو وڃي اسان جو مطالبو آهي ته سکر ضلعي مان اغوا ڪيل معصوم نياڻي پريا ڪماري جي سنگرار جي سردار زاهد شاهه جي ٽنڊي پاءِ شاهد شاهه ۽ علي اصغر منگريو کي شڪارپور جي سردار، پي ڊي ايس پي سنڌ پوليس ڪشمور خالد منگريو وٽان بازياب ڪرايو وڃي سنڌ جي اغوا ڪيلن کي نجي قيدخانن مان بازياب ڪرايو وڃي. ۽ ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ تڪڙا اپاءَ ورتا وڃن.

بقايا سنڌيار 20

پاران لاڙڪاڻو، دادو، ڪوٽڙي، ڪراچي ريلوي ٽريڪ تي 25 ڊسمبر 2023 تي بولان ميل مسافر ريل گاڏي هلائي ڇڏي آهي سيتا سرجهار فورم پاران اپريل 2 تي ٽرين جي بحالي لاءِ 10 مهينن کان هلندڙ ڏڳهي جدوجهد جي نتيجي ۾ 20 جولاءِ تي موئن جو دڙو ايڪسپريس جي بحالي کانپوءِ نگران ريلوي وزير 25 ڊسمبر 2023 تي بولان ميل به بحال ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو. جدوجهد جي باني مشهور ميمڻ جي اڳوائي ۾ 335 ڏينهن به سيتاروڊ ريلوي ڦاٽڪ وٽ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ پروفيسر غلام مصطفي سمون، غلام حسين ملڪ، غلام سرور لاکو، احسان علي سومرو، شهزاد علي ميمڻ، سرتاج سومرو، ذوالفقار علي جاتوري ۽ ٻيا شريڪ ٿيا، ان موقعي تي جدوجهد جي سرواڻ مشهور ميمڻ چيو ته اپريل 2 تي 20 جولاءِ 2023 تي موئن جو دڙو ايڪسپريس روهڙي کان ڪوٽڙي تائين بحال ٿي چڪي آهي ۽ هاڻي بولان ميل به هلائي وئي آهي مشهور ميمڻ وڌيڪ چيو ته بولان ميل هلڻ بعد به باقي مسافر ريل گاڏين جي بحالي تائين جدوجهد جاري رهندي.

بقايا سنڌيار 21

چونڊ ٿي گذري جنهن ۾ نفيس ميمڻ صدر ۽ رياض لاشاري جنرل سيڪريٽري سميت سمورا عهديدار بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويا تفصيل موجب نيشنل پريس ڪلب بدين جي سال 2024 لاءِ عهديدارن جون چونڊون ٿي گذريون جنهن ۾ سال 2024 لاءِ صدر نفيس الرحمن ميمڻ، جنرل سيڪريٽري رياض لاشاري سينئر نائب صدر محمد طلحه آرائين، جوائنٽ سيڪريٽري عبدالرشيد پٽي، ڊپٽي جوائنٽ سيڪريٽري غلام مرتضي قمبراڻي، فنانس سيڪريٽري نعيم ميمڻ، اطلاعات سيڪريٽري اقرار قمبراڻي، آفيس سيڪريٽري محمد موسي ميمڻ، جڏهن ته ورڪنگ ڪاميٽي تي محمد ايوب شيخ، سجاد علي درس ذوالفقار شاهه، فيصل خواجه، اشفاق مينڌرو، جعفر مشتاق، حسين ٿهيم، الطاف ميمڻ چونڊيا ويا، انهي موقعي تي نئين چونڊيل صدر نيشنل پريس ڪلب بدين نفيس ميمڻ چيو ته نيشنل پريس ڪلب بدين جي ٽيم هميشه جيان بدين جي عوام لاءِ آواز اٿاريو آهي، اسان جي ڪوشش آهي ته سال 2024 ع ۾ به اڳيئن جيان پنهنجي قلم جي ذريعي ابوجهه ۽ مسڪين ماڻهن جو آواز اعليٰ ايوانن تائين پهچائيندا رهون. بدين شهر کي درپيش مسئلن تي غيرجانبدارنه صحافت ذريعي هر مسئلي تي بي خوف ٿي آواز اٿاريندا رهنداسين

بقايا سنڌيار 22

وڌن پيون ٿيون. نوجوان نسل تباهه پيو ٿئي. ۽ سالن کان وڏي منشيات جي خلاف ڪي اين شاهه پوليس ڪا به ڪاروائي نه ڪئي آهي. تفصيل موجب خيرپور ناٿن شاهه سٽي توڙي ٻهراڙين ۾ منشيات جهڙو موذي مرض تيزي سان ڦهلجي رهيو آهي. ۽ ٻيون سماجي برايون وڌن پيون ٿيون. نوجوان نسل تباهه پيو ٿئي ۽ سالن کان وڏي منشيات جي خلاف ڪي اين شاهه پوليس ڪا به ڪاروائي نه ڪئي آهي. ان جي ڪري شهر توڙي ڳوٺن ۾ منشيات وڪرجيان وڪرو ٿيڻ لڳو ۽ منشيائي بي خوف سرعام منشيات هلائڻ ۾ سرگرم، شهرين، سياسي سماجي اڳواڻن، شاگردن ۽ سوشل ورڪرن ايس ايڇ او ڪي اين شاهه، ايس ايس پي دادو، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ آءِ جي سنڌ کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪري تعلقه ڪي اين شاهه کي منشيات کان پاڪ ڪيو وڃي. هنن مطالبو ڪيو ته جيڪڏهن جنهن تائين اگر ڪا به ڪاروائي نه ڪئي وئي ته آچر جي ڏينهن ان اعلائيل مدي تائين احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا سنڌيار 23

جي سرد موسم ۽ ڪوهيڙي جو فائدو وٺندي ڌوهاري ڪلاشن ڪوفن جا ڪڙڪا ڪري پاڳين جي گهرن ۾ گهڙي مٿان ڪنٽرول ڪري ويا. گهر ڌڻي پاڳين جي مزاحمت تي ڌهن کان وڌيڪ ڌوهاري جي ٽولي سان 2 سڳا ڀائر وڙهي ويا مزاحمت دوران ٻنهي سخت زخمي ٿيڻ بعد هڪ ڀاءُ مارجي ويو ڌوهارين جو ٽولو فائرنگ ڪندو ڪچي جي طرف ڀڄڻ لڳو قادرا پور ٿاڻي جي حد قريشي ڳوٺ جي چوڪي جا پوليس اهلڪار گولين جا ڪڙڪا ٻڌي پوليس پڪٽ واري ڪوٺي ۾ لڪي ويا ڳوٺاڻا چورن جي ڪڍ لڳا ڳوٺاڻن جي نشانديهي تي چورن گوليون هڻي پاڳي نوجوان ناهيد عرف فوجي کي ماري وڌو ۽ ٻئي ڀاءُ نويد ڪوسو کي سخت زخمي ڪرڻ بعد ڌوهاري آسائي سان فرار ٿي ويا پاڳيا پيرا کڻي ڪچي جي ڳوٺ نجف مصراڻي جتوئي ۾ هنيان پوليس ڳوٺ

تي ڪڙو چاڙهي ٽن ڌوهارين کي گرفتار ڪري ورتو تفصيل موجب : سائيٽ ايريا ٿاڻي جي حد ۾ ڪچي جا ڌوهاري پڪي تي ڪاهي پيا بدنام ڌوهارين مصراڻي جتوئي جو ٽولو سکر جي قريشي ڳوٺ واري علائقي شهر اندر ڪوسا برادري جي گهرن ۾ گهڙي گهر ڌڻين مٿان ڪلاشن ڪوف جا برسٽ ڌلائي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي گهر ڌڻي ٻ ڌوهارين سان اٽڪي پيا سخت مزاحمت دوران ڌوهارين جو ٽولو ڪچي طرف فرار ٿيڻ لڳو ڪلاشن ڪوفن جا آواز ٻڌي قادرپور ٿاڻي جي پڪٽ جي پوليس جا اهلڪار پوليس پڪٽ واري ڪوٺي ۾ لڪي پيا ڌوهارين جان ڇڏائڻ لاءِ پاڳين مٿان سڌيون گوليون هڻي ڇڏيون جنهن جي نتيجي ۾ ناهيد عرف فوجي ڪوسو قتل ٿي ويو نويد ڪوسو سخت زخمي ٿي پيو چورن ڪچي جي طرفر فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا اهڙي واقعي بعد ڪوسا برادري جي ماڻهن پاڳين ۽ ڳوٺاڻن چورن جو پيڇو ڪيو جن جا پيرا پوليس قادرا پور ٿاڻي جي حد الف ڪچو جي ڳوٺ نجف مصراڻي جتوئي جي ڳوٺ ۾ پيرا وڏا پاڳين ڳوٺ تي ڪڙو چاڙهي پوليس کي اطلاع ڏنو پوليس ب ڪچي ۾ پهچي وئي ڪيترائي ڪلاڪ ڳوٺ پاهريان پوليس ۽ پاڳين ڪوسا برادري جو ڪڙو چڙهيل رهيو پوليس وڌيڪ نفري طلب ڪري گهرن اندر آپريشن ڪرڻ لاءِ گهڙي ٻءِ ٽن مصراڻي برادري جي ڌوهارين کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار ٿيلن ۾ عبدالقيوم مصراڻي جتوئي اطهر مصراڻي جتوئي سميت ٽي ڄڻا شامل آهن پوليس تلاشي دوران بنا ڪاغذن جي ٻن 2 موٽر سائيڪلون به پڻ هٿ ڪري ورتيون آهن واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو چورن هٿان قتل ٿي ويل نوجوان جو لاش پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ بعد گهرن اندر ڪهرام مچي ويو علائقو سوڳ وار بڻيل متاثر پاڳين پاران آءِ ايس ايس پي سکر ۽ ڊي آءِ جي سکر کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪچي جي ڌوهارين جي سهولتڪاري ڪندڙن ۽ ڌوهارين خلاف ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 24

۾ تمام گهڻو اضافو عوام پريشان ٺٽي ۽ مڪلي سميت سموري ضلعي ۾ ڪڪڙ جي گوشت جو اگهه 620 کان وڌي 740 رپيا ٿي ويو آهي. جنهن جي ڪري پولٽري فارمن جي مالڪن کي ڪروڙين رپين جو فائدو پهچي ويو آهي. جڏهن ته غريب عوام بي وس آهي. ڪڪڙ جو گوشت خريد ڪرڻ لاءِ زنده مرغي جو اگهه 300 کان 410 رپيا في ڪلو جڏهن ته ڪڪڙ جو صافي گوشت 620 رپين مان وڌائي 740 رپيا في ڪلو ڪيو ويو آهي. جيڪو غريبن جي پهچ کان پري آهي. گذريل چئن ڏينهن ڪانوني پاجين. گوشت سميت کاڌي پيتي جي شين ۾ واڌ ٿيندي پئي وڃي پر ضلعي انتظاميا سميت نگران حڪومت ڪو به نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي. ٺٽي جي عوام حڪومت ۽ ضلعي انتظاميا کان گهر ڪئي آهي ته روزانو جي بنياد تي اگهه وڌائيندڙ واپارين ۽ ذخيره اندوزن خلاف جلد کان جلد سخت ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 25

شهاب خان پيو ۽ سنڌس ٽيم پاران تمام گهڻي ڪوشش کان پوءِ سالن کان رڪيل شڪارپور جمر خانه جي رجسٽريشن جو پراسس مڪمل ڪرائي ورتو ۽ شڪارپور جمر خانه جي رجسٽر ٿيڻ جي خوشي ۾ شڪارپور جمر خانه ۾ هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ پراونشل اسسٽنٽ رجسٽرار لاڙڪانو آغا ذڪا الله دراني، ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور ڪنڌڪوٽ، اي ڊي سي ٽو، اي ايس پي شڪارپور سميت شهر جي معززين شرڪت ڪئي ان موقعي تي جمر خانه شڪارپور جي ايڊمنسٽريٽر شهاب خان پيو خطاب ڪندي سنڌس مقرر ٿيڻ کان پوءِ جي ڊيولپمينٽ ورڪ تي بريفنگ ڏيندي چيو ته سنڌس ڪوشش آهي ته شڪارپور جمر خانه شڪارپور شهر جي سونهن آهي ۽ سنڌس ڪوشش آهي ته جمر خانه شڪارپور جو ماحول ۽ سنڌس کي پيش ايندڙ مسئلا حل ڪرائي سگهجن شڪارپور جمر خانه کي رجسٽر ڪرائڻ پڻ ان سلسلي جي ڪڙي آهي ان موقعي تي شهاب خان پيو آغا منير پٺاڻ جي ڪوشش کي خاص طور تي ساراهيندي چيو ته شڪارپور جمر خانه ۾ گرين بيلٽ ۽ انوائرمينٽل دوستانه ماحول اجاگر ڪرڻ تي ڪيس جس هجي، ان موقعي تي آغا منير پٺاڻ، چيئرمين ريڊ ڪريسينٽ پاڪستان شڪارپور برانچ، چيو ته اسان سڀني کي گهرجي ته دنيا ۾ انوائرمينٽل تبديليون اچي رهيون آهن ان کي اسان کي گهرجي ته اسان دوستانه ماحول بڻائڻ لاءِ وڌ کان وڌ ٻوٽا پوکيون ته جيئن اسان جي ايندڙ نسل ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن. تقريب ۾ مانجهي فقير صوفي ڪلام ڳائي ڪري محفل کي جهومائي ڇڏيو تقريب ۾ جمر خانه شڪارپور جي ميمبرن سميت شڪارپور شهر جي معززين شرڪت ڪئي ۽ ايڊمنسٽريٽر جمر خانه شڪارپور جي ڪوشش کي ساراهيو.

بقايا سنڌيار 26

رهواسين پاران بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ گهر تفصيل موجب تعلقي گهوڙاباري جي مختلف ڳوٺن ۾ صحت تعليم پاڻي گئس پڪي روڊ جي تعمير نه ٿيڻ ڪري هتان رهواسين ڪيتري پريشاني جو منهن ڏيڻو پوي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ جاني توڙي مالي وڃ واپار جو نقصان ٿيڻ جو خدشو هوندو آهي ڇو ته صحت جي ڊسپينسري نه هئڻ ڪري ڊليوري دوران ڪچي روڊ ڳگڏي جيڏا کڏا هوندا آهن جنهن ڪري ڪيترين ڳورهارين عورتون وقت تي اسپتال پهچڻ نه ڪري اڌ ۾ فوت ٿي وينديون آهن ته وري ٻئي پاسي ملي پاڻي جي سپلائي مهيا نه هئڻ ڪري ڳوٺاڻا ڪاروپاڻي پيئڻ تي مجبور بڻجي مختلف وچڙندڙ بيمارين ورچڙهي ويندا آهن اهڙي ويڌن خلاف مقامي ڳوٺاڻن غلام نبي ڪريو عثمان سمون گلاب جاڙو ڪسون مڙهائي بشير جرڪيو رمضان بلوچ • ٻين ضلع ٺٽي جي اعليٰ اختيارين ڊپٽي سي ٺٽو چيف انجنيئر ورڪس • روڊس کان يوسي جاڙادالي جي ڳوٺن جي بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ اپيل ڪندي گهر ڪئي آهي

بقايا سنڌيار 27

منعقد ڪيو ويو سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران اداري جي مرڪزي ڪمپليڪس ۾ مينهوڪيءِ ڪانيوءِ واري ٻوڏ ستايل ماڻهن جي سهائتا، تحفظ، صحت ۽ مالي جيابي کي بهتر بنائڻ بابت پراجيڪٽ مڪمل ڪرڻ واري اختتامي تقريب ۽ سبق پرائڻ وارو ورڪشاپ منعقد ڪيو ويو. سرسو جي ترجمان جميل احمد موجب انهن تقريبن ۾ منصوبي تي ڪم ڪندڙ سرسو جي ورڪرن، سيڪٽر ۽ ضلعي انچارجن ۽ سرسو جي سينيئر عملدارن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سرسو پراجيڪٽ جي ڪارڪنن ڪم ڪرڻ دوران حاصل ٿيل تجربن ۽ انهن آڌار مفيد ڳالهيون سکڻ وارا واقعا بيان ڪيا. جڏهن ته سرسو پروجيڪٽ جي فوڪل پرسن نعمت الله ساوند پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي پراجيڪٽ وسيلي حاصل ڪيل نتيجن. مقصدن ۽ سکيا جي عمل بابت ويچار ونڊيا ۽ ڪارڪنن کي هدايت ڪئي ته اهي سدائين منصوبن جي مقرر ڪيل مقصدن ۽ نتيجن جي بنياد تي اڳتي وڌن. تقريب دوران مالٽيزر انٽرنيشنل جي ڪنٽري ڊائريڪٽر فياض شاهه آن لائن طريقي سان ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪندي منصوبي جي مقصدن ۽ حاصلات بابت پنهنجا ويچار ونڊيا ۽ سرسو ڪارڪنن ۽ مختلف شعبن جي انچارجن جي ڪم کي ساراهيو. جنهن بعد منصوبي جي ڪارڪنن ۽ شعبن جي انچارجن ڪارڪردگي ۽ يادگاري شيلڊز ڏنيون ويون. جنهن ڪانپوءِ موسيقيءِ جي محفل منعقد ٿي، ڪانپوءِ هڪ يادگار مهر پڻ شروع ڪئي وئي. واضح رهي ته سرسو جو منصوبو AAD ۽ GFFO جي مالي مدد سان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيل پنجن يونين ڪائونسلن (ضلعي خيرپور جي نري ميرواهه تعلقي جون 2 ۽ ضلعي ميرپورخاص جي جهڏو تعلقي جون 3 يونين ڪائونسل ون شامل آهن) ۾ مئي 2023 ع کان ڊسمبر 2023 تائين جاري رهيو هن منصوبي جو بنيادي مقصد ٻوڏ متاثرن کي امداد مهيا ڪرڻ هيو.

بقايا سنڌيار 28

تي الزام: تفصيل موجب ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو جي اڳوڻي سول سرجن زاهد حسين کهڙو دادو پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته 28 ڊسمبر تي چنگچي رڪشا ۾ اسپتال جي گيٽ تي پهتس مان پنهنجو ليب ٽاپ نهارڻ وڃي رهيو هيس ته ڊاڪٽر گلزار پنهور پنهنجي ڪار ۾ ويهاري. چيو ته تنهنجو ۽ ڊاڪٽر امجد جو مسئلو حل ڪيون ٿا. ڪجهه اڳتي هليو ته مونکي محسوس ٿيو ته مون کي ڪنهن ران ۾ انجيڪشن هڻي آهي جنهن بعد مون کي ننڊ اچڻ لڳي جنهن بعد مون آواز ٻڌو مورو مورو محسوس ڪيو ته مورو پهتو آهيان جنهن بعد ٻيهر مون پنوعاقل پنو عاقل جو آواز محسوس ڪيو. بعد ۾ مونکي نجي ڪوچ جي ملازم اتاري چيو ته لاهور پهچي ويا آهيو گاڏي جو آخري اسٽاپ آهي جنهن بعد آءُ اتي لٿس جنهن بعد لاهور جي هڪ واپاري پنهنجي ملازم کي چيو ته هن کي سنڌ طرف ويندڙ گاڏي ۾ ويهاري اچ جنهن بعد آءُ 3 هزار ڪرايو ڀري لاڙڪاڻو پهتس ۽ مون کي لڳل انجيڪشن جو اثرو اثر هيو جو 9 سال لاڙڪاڻو رهيو آهيان منهنجا ساهرا به لاڙڪاڻو جا آهن ۽ مون کي خبر نه پئي ته آءُ لاڙڪاڻي ۾ آهيان جنهن بعد ڪاروسيلي پنهنجي مرشد ۽ سنڌ جي مشهور درگاهه مشوري شريف پهتس جتي درگاهه جي گادي نشين راشد مشوري منهنجي گهرڀاتين کي دادو ۾ اطلاع ڏنو ۽ منهنجي حالت ڏسي منهنجو علاج ڪرايو.هن چيو ته مونکي هٿ سان لاپته ڪري ڌمڪيون ڏنيون وڃن جنهن ۾ دادو ڊي ايڇ ڪيو اسپتال سول سرجن ڊاڪٽر امجد مستوئي، گلزار پنهور جيڪو ڊاڪٽر نه آهي ۽ اسپتال اندر ڪم ڪري ٿو معاملي بابت دادو ايس ايس پي شبير سيٺار سان ملاقات ڪئي ۽ هن منهنجو الزام ڪرڻ بدران تيز لهجي ۾ ڳالهائي مون کي اغوا ڪندڙ جي سپورٽ ڪئي آهي. ٻهرين ڏينهن کان دادو پوليس ڊاڪٽر امجد مستوئي جي ڌر

بڻيل آهي ۽ پيپلز پارٽي دادو جي ضلعي صدر رفيق جمالي، ڊاڪٽر امجد مستوئي جو ساٿ ڏئي اسان جي دل آزاري ڪري رهيو آهي. اسان هر دور ۾ پيپلز پارٽي کي ووٽ ڪيو آهي پر هاڻ پيپلز پارٽي اسان جو تدارڪ ڪرڻ بدران اسان جي مخالفت ڪري پئي.هن چيو ته مون سڄي زندگي دادو واسين جي خدمت ڪئي آهي ان جي بدلي مون کي لاپته ڪري حراسمينٽ ڪيو پيو وڃي .هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو ته مونکي حراسمينٽ ڪري لاپته ڪندڙن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ پنهنجي گهرڀاتين دوستن ۽ جماعت قاسمي سان گڏ احتجاج ڪندس. جڏهن ته ان موقعي تي سائنس گڏ سول اسپتال جو اڳوڻو سول سرجن ڊاڪٽر توفيق ميمڻ ڊاڪٽر قربان پرڳڙي، رئيس منصور احمد کهڙو، وسيم احمد پٽي سيد امير علي شاهه، قاضي زاهد ڊاڪٽر جاويد آگرو فقير منير خشڪ، شبير حسين کهڙو، جماعت قاسميان جا همدرد گڏ هئا. ٻئي طرف اڳوڻي سول سرجن ڊاڪٽر زاهد کهڙو پاران وقتي سول سرجن ڊاڪٽر امجد مستوئي خلاف اغوا جو الزام لڳائڻ وارو معاملو الزام هيٺ سول سرجن ڊاڪٽر امجد مستوئي، ڊاڪٽر گلزار احمد پنهور ۽ ٻين ڊاڪٽرن گڏجي دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪري ڊاڪٽر زاهد کهڙو جا الزام رد ڪري ڇڏيا آهن ڊاڪٽر زاهد کهڙو خلاف اسپتال ۾ ڪرپشن جي جاچ ملڻ تي منهنجي خلاف بيان بازي ڪئي وئي آهي،ڊاڪٽر زاهد کهڙو کي ڪنهن اغوا نه ڪيو پر جاچ کان بچڻ لاءِ منهنجي خلاف الزام بازي ڪئي مون کي ڪار هلائڻ ئي ناهي ايندي ته ڊاڪٽر زاهد کي ڪار تي ڪٿي اغوا ڪيئن ڪيو ڊاڪٽر گلزار پنهور، اسان ڊاڪٽر امجد ۽ ڊاڪٽر زاهد جو صلح ڪرڻ لاءِ وفد جي صورت ۾ پهتاسين پر ڊاڪٽر زاهد کهڙو اسان سان نه مليو

بقايا سنڌيار 29

جي ٿي گذري، جنهن ۾ اتفاق راءِ سان سال 2024 ع لاءِ عهديدار چونڊيا ويا. جنهن ۾ صدر ڪرشن سنگهه راجپوت، نائب صدر غازي بجير، جنرل سيڪريٽري مبارڪ بجير، خزانچي سڪندر بجير، جوائنٽ سيڪريٽري احمد علي سانگي. جڏهن ته جنرل باڊي جي ميمبرن ۾ اشوڪ شرما، عبدالغني بجير، الطاف اسماعيل چونڊيا ويا. هوڏانهن پ پ يوٿ ونگ جي ڊويزنل صدر ششيل ملاڻي، ٽائون چيئرمين ڪمليش ڪمار، سنجنم مالهي، ديپڪ شرما، روشن گرناڻي، جماعت اسلامي جي ضلعي امير مير محمد بليدي، اسد هنگورجو، ڪرم رانوڙ ۽ ٻين پريس ڪلب پهچي چونڊيل باڊي کي هار وجهي مبارڪون ڏنيون.

بقايا سنڌيار 30

. خبرموجب: اين اي 193 جي پ پ اميدوار شهريار مهر شڪارپور پريس ڪلب پهچي سال 2024 لاءِ چونڊيل پريس ڪلب جي صدر سرڊو جيمس، نائب صدر عارف قريشي، جنرل سيڪريٽري عبدالسلام انڙ، جوائنٽ سيڪريٽري ارشاد آرائين خزانچي عبدالخالق سومرو، ايگزيڪيٽو ڪاميٽي جي ميمبرن آغا اسرار پٺاڻ، رحيم بخش جمالي، اياز منگي کي چونڊجي اچڻ تي مبارڪباد ڏني. شهريار مهر سان گڏ سيد نادر علي شاهه، قاضي مٺل، محبوب مهر ۽ ٻيا پڻ ساٿي گڏ هئا، ان دوران هن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پريس ڪلب جي سمورن ميمبرن کي مبارڪ هجي، اميد ٿي ڪجي ته پريس ڪلب عوام جي بهتري لاءِ مثبت ڪردار ادا ڪندو، هن چيو ته اسان جو پ پ ۾ اچڻ نئين ڳالهه ناهي اسان اڳ به پ پ ۾ رهيا آهيون منهنجو والد سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر به پ پ جي ٽڪيٽ تي ٿي ٿيو هو هن وقت پ پ ۾ ٻيهر شامل ٿيڻ جو اصل مقصد عوام جي خدمت ۽ انهن جا مسئلا حل ڪرڻ آهي. اسان ٻين پارٽين ۾ به رهياسين پر عوام جي اها خدمت نه ڪري سگهياسين ۽ پ پ ۾ اچي ڪري ئي مسئلن کي حل ڪري بهتر سمجهي. هن چيو ته شڪارپور ضلعي اندر پ پ ئي ڪامياب ٿيندي، سنڌ ۾ پ پ مخالف پارٽين جي ڪاميابي نظر نه ٿي اچي، هن چيو ته سنڌ ۾ جي يو آئي کي جتي ڪو پنهنجو مضبوط اميدوار نه مليو آهي اتي هنن علماءِ واري حيثيت ۽ پارٽي منشور جي ڪمپرومائيز ڪري ٻين اميدوارن کي ٽڪيٽون ڏنيون آهن. هن چيو ته اين اي 193 تي هر اميدوار آهي سنڌس سڀ کان وڏو ٺڳ آهي. جتي سنڌس جي ٺڳ ۾ پي ايس 7 تي امتياز شيخ، پي ايس 8 تي سنڌس ڀاءُ عارف مهر ۽ پي ايس 9 تي آغا سراج دراڻي اميدوار آهن. هن چيو ته پي ايس 8 تي به سنڌس ڀاءُ ئي ڪامياب ٿيندو ڇو ته 2018 جي اليڪشن ۾ ساڳئي ٺڳ ٿان هو ڪامياب ٿيو هوان وقت جي يو آ، جتوئي ۽ پ پ الڳ الڳ طور سنڌس سان مقابلو ڪيو هو. هن چيو ته اين اي 192 تي شبير بجاراڻي اليڪشن کٽيندو

بقايا سنڌيار 31

اي 225 ٺٽو ۽ پي ايس 75 ۽ پي ايس 76 جي اميدوار رئيس ارسلان خان بروهي. پي ايس 76 اميدوار وحيد رند. پي ايس 75 اميدوار سيد امجد شاهه جي داخل ڪيل اپيل سنڌن وڪيلن سيد جميل

شاهه ۽ سيد وقاص شاهه منظور ڪرائي ورتيون آهن جنهن جي ٻڌائي 6 جنوري تي جسٽس خادم حسين ٽنيو جي عدالت ۾ مقرر ڪندي فريقين کي نوٽيس پڻ جاري ڪري ڇڏيا آهن ان موقعي تي پي ٽي آءِ اڳواڻ پڻ عدالت ۾ موجود هئا. جڏهن ته عدالت ريٽرننگ آفيسر ۽ مخالف درخواستگذار کي به نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن. صحافين سان ڳالهائيندي پي ٽي آءِ اڳواڻ رئيس ارسلان خان بروهي، سيد امجد شاهه، وحيد رند چيو ته پاڪستان تحريڪ انصاف ٺٽي ضلعي جي ماڻهن جي حقيقي مالڪي ڪندڙ پارٽي آهي. عمران خان جو حقيقي آزادي وارو نعرو ضلعي ٺٽي جي ماڻهن جي دلين اندر گهر ڪري چڪو آهي. مخالف پنهنجا ناجائز هٿ ڪندا استعمال ڪري نوجوانن جي مقبول ترين پارٽي پاڪستان تحريڪ انصاف کي اليڪشن کان پري ڪرڻ جي ڪوشش پيا ڪن. پر هو ان مقصد ۾ ڪڏهن به ڪامياب ٿي نه سگهندا. هنن چيو ته عدالت مان ڪين انصاف جي اميد آهي. هنن چيو ته فارم بحال ٿيڻ بعد اسان پنهنجون سرگرميون تيز ڪري مخالف اميدوارن جو سڪون ئي برباد ڪري ڇڏينداسين. ان موقعي تي پي ٽي آءِ ضلعي ٺٽي جو انفارميشن سيڪريٽري مراد ساٿي پڻ موجود هو

بقايا سنڌيار 32

پوليو جا ڦڙا پيارڻ وڃن ته جيئن ٻارن کي مستقبل ۾ ڪنهن به معذوريءَ کي منهن نه ڏيڻو پوي. هن اها ڳالهه اڄ پنهنجي آفيس ۾ 8 جنوري کان 12 جنوري 2024 تائين جاري رهندڙ پوليو خلاف مهم جي انتظامن بابت صحت کاتي جي آفيسرن سان گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر صحت کاتي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو سمورين ٽيمن، يو سي ايم او ۽ ايريا انچارج جي ڀرپور نگراني ڪن ۽ پوليو مهم جي رپورٽ وقت تي پهچائين. ان موقعي تي صحت کاتي جي عملدارن ڊپٽي ڪمشنر کي مهم کي ڪامياب بنائڻ لاءِ جوڙيل پلان بابت آگاهه ڪيو ۽ ٻڌايو ته 5 لک 1 سئو 2 ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ لاءِ 1327 ٽيمون ناهيون ويون آهن جيڪي گهر گهر وڃي ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيارينديون. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر فيض محمد مري، ڊاڪٽر رشنومل، ڊاڪٽر ديدار حسين مرتضيٰ سيال، اسلم چنو، ڊاڪٽر حنا شبير، ڊاڪٽر ڪلثوم عمراڻي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 33

هجڻ باوجود ڌوهاري وڏي چالاڪي سان ڦرلٽ ڪري رهيا آهن جن کي روڪڻ لاءِ هاڻي نئين حڪمت عملي جوڙي وئي آهي ۽ پيٽرول پمپ مالڪ هاڻي پنهنجي سيڪيورٽي لاءِ گارڊ سان گڏ سي سي ٽي وي ڪيمرائون نصب ڪرائين ۽ سيڪيورٽي ايمرجنسي الارم نصب ڪرائين ته جيئن واردات ڪندڙ سڃاتا ٿي سگهن ۽ سي سي ٽي وي ذريعي انهن جي آساني سان شناخت ٿي سگهي. هن چيو ته اسان جو کاتو ظالم نه بلڪ مظلوم طبقي جو ساٿي آهي ۽ اسان عوام جا محافظ آهيون عوام کي بنا ڪنهن ڏوهه جي ملندڙ تڪليفون هرگز برداشت نه ڪيون وينديون ۽ ڪين جان مال جو تحفظ ڪرڻ اسان جو فرض آهي جيڪو ايمانداري، سان نڀائينداسين رهنداسين.

بقايا سنڌيار 34

اسپتال بدين ٿيو ويو خبر موجب ٽنڊوباگو شهر جي ڊگري ڪاليج پرسان رهندڙ هڪ مهينو اڳ شادي ڪندڙ نوجوان زمان پٽ عرس ملاح پنهنجي گهر واري سان ڪاوڙجي ڪارو پٿر پي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوباگو پهچايو ويو ۽ جتان ڳنڀير جوڳي حالت ۾ ڪيس انڊس اسپتال بدين ريفر ڪيو ويو آهي. ياد رهي ته نوجوان زمان ڪوسڪي پرسان ڳوٺ رمضان ملاح جو رهواسي آهي جيڪو شادي ڪرڻ ڪانپوءِ ٽنڊوباگو ۾ پنهنجي ساهورڀجن ۾ رهندو هو.

بقايا سنڌيار 35

ختم ڪري ڪين آزاد ڪيو وڃي نه ته ٻئي صورت احتجاجن جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا سنڌيار 36

نئون ديرو ايڊووڪيٽ ڏنو ڀٽو تعلقي رتيديري جو صدر لالا نظر محمد پٺاڻ. نئون ديرو ميونسپل ڪاميٽيءَ جو چيئرمين حاجي عبدالخالق ڀٽو ٻي ٻي صدر سٽي نئون ديرو سيد ارشد شاهه راشدي، جنرل سيڪريٽري ۽ وائيس چيئرمين نئون ديرو محمد انور برڙو، پ پ انفارميشن سيڪريٽري سرفراز احمد ميراڻي، سردار الحاج آغا علي نواز خان جلباڻي شاهه رخ سيال چيئرمين رتوديرو ميونسپل ڪاميٽي منير احمد جلباڻي سليم منگي خالد ڪريم مگريو، ڪامريڊ نثار ميراڻي سميت سوين جيالن ۽ ورڪرن شرڪت ڪئي ۽ شهيدن جي مزارن تي گلن جون چادرون چاڙهيون ۽ قل پڙهيا. جڏهن ته آخر ۾ ملڪ جي بهتري خاطر دعا خير گهري وئي.

بقايا سنڌيار 37

سکر پريس ڪلب ۾ سنڌ جرنلسٽ ڪنوينشن لاءِ ڪميٽيون جوڙي پروگرام کي آخري شڪل ڏني

وٺي. سکر يونين آف جرنلسٽ پاران سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف سکر پريس ڪلب اڳيان ايس يو جي جي صدر امداد بوزدار جي اڳوائي ۾ احتجاجي علامتي بک هڙتال ڪري قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعري بازي ڪئي وئي احتجاج ۾ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي مرڪزي اڳواڻ لالا اسد پٺاڻ، حب پريس ڪلب جي صدر الياس ڪمبوه، جوائنٽ سيڪريٽري عاشق بلوچ خصوصي طور شرڪت ڪئي جڏهن ته سکر پريس ڪلب جي صدر آصف لوڌي، لالا شهباز خان، شهزاد تابائي، خالد پاٺين، جاويد جتوئي، سليم سهتو، عمر سومرو، سحرش ڪوڪر،عبيد شيخ جلال الدين پيو،يار محمد سومرو، جهانزيب وسير، عبدالغفور شيخ،فقير مشتاق منگريو، ناصر جعفري، اورنگزيب ماڪو ، بابر ڪوڪر،صلاح الدين سميجو، شفيع ابڙو، مجيب ورند، عقيل احمد، نعيم غوري، فضل الرحمان قريشي، انس ملڪ، عامر شيخ، محمد علي سولنگي، نادر سنجراڻي، عدنان شيخ، سليم ٻريهو، اسلم دايو، روهڙي جي صحافين مجاهد بوزدار، اسلم سومرو، عثمان ڊاڪٽر نذير ڪوڪر، مخدوم بلاول، اعظم منگريو شريڪ ٿي يڪجهتي جو اظهار ڪيو ان موقعي تي صحافي اڳواڻن چيو ته 144 ڏينهن جو هڪ وڏو عرصو گذري ويا آهن احتجاجن باوجود سنڌ جي نگران حڪومت ۽ سنڌ پوليس رڳو دلاسا ۽ دعوائون ڪيون پر عمل نه ٿيڻ جي ڪري شهيد صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي اڃان تائين گرفتار نه ڪيو ويو آهي اسان اڳ به هاڻي به واضح ڪريون ٿا ته جيستائين قاتل قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿا آندا وڃن احتجاجي تحريڪ ختم نه ڪنداسين ٻي پاسي سکر پريس ڪلب ۾ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي مرڪزي اڳواڻ لالا اسد پٺاڻ جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاجي تحريڪ جي حوالي سان 13 جنوري تي سکر پريس ڪلب ۾ آل سنڌ جرنلسٽ ڪنوينشن منعقد ڪرڻ بابت مختلف ڪاميٽيون جوڙي پروگرام ۾ کي فائنل ڪيو ويو ڪنوينشن ۾ پي ايف يو جي جو مرڪزي صدر افضل بٽ، سيڪريٽري جنرل ارشد انصاري فنانس سيڪريٽري لالا اسد پٺاڻ سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي ڪنوينر مظهر عباس سميت ڪراچي ۽ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ جا اڳواڻ خطاب ڪندا اڳواڻن ان عزم جو اظهار ڪيو ته شهيد جان محمد مهر سکر پريس ڪلب ۽ سکر يونين آف جرنلسٽ جو اڳوڻو صدر ۽ مظلوم ماڻهن جو آواز هو ان جي اصل قاتلن کي سوگهو ٿيڻ تائين احتجاجي تحريڪ جاري رکي ويندي.

بقايا سنڌيار 38

تي الزام: تفصيل موجب ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو جي اڳوڻي سول سرجن زاهد حسين کهڙو دادو پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته 28 ڊسمبر تي چنگچي رڪشا ۾ اسپتال جي گيٽ تي پهتس مان پنهنجو ليب ٽاپ نهارڻ وڃي رهيو هيس ته ڊاڪٽر گلزار پنهور پنهنجي ڪار ۾ ويهاري. چيو ته تنهنجو ۽ ڊاڪٽر امجد جو مسئلو حل ڪيون ٿا. ڪجهه اڳتي هليو ته مونکي محسوس ٿيو ته مون کي ڪنهن ران ۾ انجيڪشن هڻي آهي جنهن بعد مون کي ننڊ اچڻ لڳي جنهن بعد مون آواز ٻڌو مورو مورو محسوس ڪيو ته مورو پهتو آهيان جنهن بعد ٻيهر مون پنوعاقل پنو عاقل جو آواز محسوس ڪيو. بعد ۾ مونکي نجي ڪوچ جي ملازم اتاري چيو ته لاهور پهچي ويا آهيو گاڏي جو آخري اسٽاپ آهي جنهن بعد آءُ اتي لٿس جنهن بعد لاهور جي هڪ واپاري پنهنجي ملازم کي چيو ته هن کي سنڌ طرف ويندڙ گاڏي ۾ ويهاري اچ جنهن بعد آءُ 3 هزار ڪرايو ڀري لاڙڪاڻو پهتس ۽ مون کي لڳل انجيڪشن جو اثرو اثر هيو جو 9 خدمت ڪئي آهي ان جي بدلي مون کي لاپته ڪري حراسمينٽ ڪيو پيو وڃي .هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو ته مونکي حراسمينٽ ڪري لاپته ڪندڙن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري ڪندس. جڏهن ته ان موقعي تي سائنس گڏ سول اسپتال جو اڳوڻو سول سرجن ڊاڪٽر توفيق ميمڻ، ڊاڪٽر قربان پرڳڙي، رئيس منصور احمد کهڙو، وسيم احمد پٽي، سيد امير علي شاهه، قاضي زاهد، ڊاڪٽر جاويد آگرو، فقير منير خشڪ، شبير حسين کهڙو، جماعت قاسميان جا همدرد گڏ هئا. ٻئي طرف اڳوڻي سول سرجن ڊاڪٽر زاهد کهڙو پاران وقتي سول سرجن ڊاڪٽر امجد مستوئي خلاف اغوا جو الزام لڳائڻ وارو معاملو الزام هيٺ سول سرجن ڊاڪٽر امجد مستوئي، ڊاڪٽر گلزار احمد پنهور ۽ ٻين ڊاڪٽرن گڏجي دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪري ڊاڪٽر زاهد کهڙو جا الزام رد ڪري ڇڏيا آهن ڊاڪٽر زاهد کهڙو خلاف اسپتال ۾ ڪرپشن جي جاچ ملڻ تي منهنجي خلاف بيان بازي ڪئي وئي آهي، ڊاڪٽر زاهد کهڙو کي ڪنهن اغوا نه ڪيو پر جاچ کان بچڻ لاءِ منهنجي خلاف الزام بازي ڪئي مون کي ڪار هلائڻ ئي ناهي ايندي ته ڊاڪٽر زاهد کي ڪار تي ڪٿي اغوا ڪيئن ڪيو ڊاڪٽر گلزار پنهور، اسان ڊاڪٽر امجد ۽ ڊاڪٽر زاهد جو صلح ڪرڻ لاءِ وفد جي صورت ۾ پهتاسين پر ڊاڪٽر زاهد کهڙو اسان سان نه مليو

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن ٿرپارڪر ايٽ مٺي

ايڊريس: ايگزيڪيوٽو انجنيئر، پي ايڇ اي ڊويزن، ٿرپارڪر ايٽ مٺي آفيس واقع سامهون اين بي پي مٺي
فون نمبر: 0232261951، اي ميل: phedthrmithi@gmail.com
NIT No. TC/263/2024 Dated: 01/01/2024

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

سنگل اسٽيج سنگل انولپ طريقيڪار تحت دلچسپي رکندڙ ڪانٽريڪٽرز/فرم کان جيڪي پي اي سي سان لاڳاپيل فيلڊ ۽ مناسب ڪيٽيگري ۾ SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل هيل تائين) تحت رجسٽرڊ آهن عليحده سيل ٿيل لفافن جي عمل هيٺ مهربند واڪ گهرائجن ٿا.

سيريل نمبر	ڪم جو نالو	ڪٽيل لاڳت (ملين ۾)	سوٽي رقم 5٪ (ملين ۾)	تڪميل جو مدو	ٽينڊر في
1	ٽيوب ويل جي بورنگ، 2.00 ايم جي ڊي مصري شاهه ٽائون ضلعي مٺي ۾ پمپ هائوس جي تعمير آر او پلانٽ ٿرپارڪر. (حصو I)	21.390	5٪	03 مهينا	10,000
2	2.00 MGD مصري شاهه رو پلانٽ مٺي ٽائون ضلعي ٿرپارڪر تي ڊيمر ٿيل ڪمپائونڊ وال جي تعمير، پيونگ بلاڪ ۽ سولر پينل جي فراهمي ۽ تنصيب. (حصو II)	14.920	5٪	03 مهينا	10,000
3	2.00 MGD مصري شاهه آر او پلانٽ مٺي ٽائون ضلعي ٿرپارڪر لاءِ جهلي، سبمرسيبل پمپ VFDS وغيره جي بحالي/تبديلي مڪمل (حصو IV)	66.426	5٪	03 مهينا	10,000
4	2.00 MGD مصري شاهه آر او پلانٽ مٺي ٿرپارڪر لاءِ جهلي، ايڇ پي پمپ ۽ فيڊ پمپ وغيره جي بحالي/تبديلي مڪمل (حصو V)	51.858	5٪	03 مهينا	10,000
5	2.00 MGD مصري شاهه آر او پلانٽ مٺي ٽائون ضلعي ٿرپارڪر لاءِ بحالي/تبديلي جهلي، ملٽي ميڊيا ويسل ۽ ڪيبل وغيره مڪمل (حصو VI)	74.616	5٪	03 مهينا	10,000

1. خالي ٽينڊر فارم / پروپوزل جا دستاويز مٺي بيان ڪيل ڪم هيٺ ڏنل دستخط ٿيل ايگزيڪيوٽو انجنيئر پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن ٿرپارڪر ايٽ مٺي جي آفيس مان حاصل ڪري سگهجن ٿا ڪنهن به ڪم جي ڏينهن تي 25/01/2024 تي 4:00 وڳي لکيل درخواست ۽ جمع ڪرائڻ تي. ايگزيڪيوٽو انجنيئر پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن ٿرپارڪر ايٽ مٺي جي حق ۾ مقرر ڪيل ٽينڊر فيس جي ادائيگي پي آرڊر جي صورت ۾ ناقابل واپسي آهي.
2. ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ فنانشل پروپوزل تي مشتمل ٽينڊر لازمي طور تي الڳ سيل بند لفافن ۾ جمع ڪرايو وڃي جنهن ۾ ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ فنانشل پروپوزل جي واضح نشانن سان 26/01/2024 تي 12:00 وڳي تائين جاري ڪيل آفيس مان واپس وصول ڪيو ويندو. حصو وٺندڙ فرمن جي ٽيڪنيڪل/مالي تجويز ساڳئي ڏينهن 01.00 وڳي پروڪيورمينٽ ڪميٽي پاران حصو وٺندڙ ڪانٽريڪٽر/فرم جي انهن جي بااختيار نمائندن جي موجودگي ۾ کوليا ويندا جيڪي حاضر ٿيڻ چاهيندا.
3. ٽينڊر کي احتياط ۽ صاف طور تي داخل ڪيو وڃي ۽ بلڊرز طرفان دستخط ڪيو وڃي. هر بوليءَ ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئر PHE ڊويزن ٿرپارڪر ايٽ مٺي جي حق ۾ ڪال ڊيپازٽ جي شڪل ۾ هيٺ ڄاڻايل آمدنيءَ واري رقم سان گڏ هجڻ ضروري آهي بد سيڪيورٽي کي ٽيڪنيڪل تجويز سان پيش ڪيو ويندو. نامڪمل ٽينڊر لڪت تي يا مشروط ٽينڊر قبول نه ڪيو ويندو.
4. ڪنهن به صورت ۾ ٽينڊر يا رد ٿيل / رد ٿيل يا جواب نه ڏنو ويو آهي جاري ٿيڻ جي ايندڙ تاريخ ۽ ٽينڊرز جي وصولي 12/02/2024 تي 12.00 وڳي منجهند تائين ٿيندي ۽ ساڳئي تاريخ تي 1:00 وڳي کوليو ويندو
5. ٽيلر جي رقم جو 2٪ آمدني ڪال ڊيپازٽ / پي آرڊر / ڊمانڊ ڊرافٽ جي شڪل ۾ پاڪستان جي ڪنهن به شيڊول بينڪ جي حق ۾ هيٺ دستخط ٿيل جي حق ۾ بدس / ٽينڊرز سان ڳنڍڻ گهرجي.
6. شرط ۽ ضابطا

اي) هيٺ ڏنل شرطن جي تحت بل رد ڪيا ويندا.
- i) ڪو به مشروط ٽيلر قبول نه ڪيو ويندو.
- ii) گهربل رقم ۽ فارم جي بيڊ سيڪيورٽي سان گڏ نه آهن.
- iii) مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت کان پوءِ حاصل ڪيل بوليون.
- iv) حلف ناموبيان ڪيو ويو آهي ته فرم / ٺيڪيدارن کي اڳ ۾ ڪنهن به عمل ڪندڙ ايجنسي طرفان بليڪ لسٽ نه ڪيو ويو آهي.

بي) راڪ جو ڪارڪرد مدو 90 ڏينهن

7. حلف نامي جو اثر آهي ته سڀئي دستاويز / تفصيل / معلومات مهيا ڪيل صحيح ۽ صحيح آهن.
8. هڪ فرم جي صورت ۾، ڀائيوارن جي فهرست / پارٽنرشپ ڊيڊ. ڊائريڪٽرن / مالڪن جا مڪمل تفصيل ڏيڻ يا وڪيل جي طاقت سان لاڳاپيل هيا. اڪيلي مالڪ هجڻ جي صورت ۾ اهڙي قسم جو حلف نامو پيش ڪيو وڃي.
9. خريداري واري ايجنسي SPP قاعدن 2010 (تاريخ تائين ترميم ٿيل) جي مطابق ڪنهن به يا سڀني ٽينڊرز/بولين کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.
10. اسٽيمپ پيپر تي ضابطو آڻڻ اها فرم ڪنهن به قسم جي مقدمي ۾ ملوث نه آهي. ڊپارٽمينٽل تڪرار، ڇڏيل يا غير ضروري دير سان حڪومت ۽ گڏوگڏ نجي ادارن ۾ ڪنهن به ڪم جي مڪمل ٿيڻ ۾.
11. قابليت جي معيار / قابليت
    - i. ساڳئي قسم جي ڪم ۾ ٽن سالن جو تجربو (ريگستاني خطن ۾)
    - ii. گهٽ ۾ گهٽ گذريل ٽن سالن جو واپار.
    - iii. انڪم ٽيڪس، سيلز ٽيڪس، سنڌ روينيو بورڊ ۽ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (جتي قابل اطلاق) سرٽيفڪيٽ 2023 سان رجسٽريشن.
12. 4.00 ملين ۽ ان کان مٿي جي ڪم جي صورت ۾ ارادو ڪندڙ شرڪت ڪندڙن لاءِ قابليت جا شرط هيٺ ڏنل هوندا:
    - i. پي اي سي سان لاڳاپيل ڪم جي اسپيشلائيزيشن جي فيلڊ ۾ رجسٽريشن ۽ هر ڪم جي ٽينڊر رقم جي حد تائين CE_09، CE_10 ۽ EE_11 (سولر انرجي ۽ جنرل اليڪٽرڪ) ۾ اسپيشلائيزيشن سان.
    - ii. فرم سان ڪم ڪندڙ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جو بايو ڊيٽا.
    - iii. دستاويزي ثبوت جيڪي ڪم جاري آهن / ڪم جاري آهن ۽ ملازمن پاران ڪم جي اطمينان بخش مڪمل ٿيڻ جو سرٽيفڪيٽ گذريل ٽن سالن دوران.
    - iv. ان جي ملڪيت جي دستاويزي ثبوت سان موجود مشينري ۽ سامان جي فهرست.
    - v. هر ڪم جي قيمت ۽ گذريل ٽن سالن جي ڪم جي ايوارڊ جي ڪاپي جي جاري ڪيل ڪمن جي فهرست.
    - vi. بينڪ جو سرٽيفڪيٽ گذريل ڇهن مهينن جي موجوده بئنڪ بيلنس سان گڏ ڪريڊٽ جي قابليت ڏيکاري ٿو.
    - vii. انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ سان رجسٽريشن NTN (سرٽيفڪيٽ) وفاقي بورڊ آف روينيو سان فعال حيثيت سان.
    - viii. سنڌ روينيو بورڊ جو رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ گورنمينٽ آف سنڌ STN (سرٽيفڪيٽ).
    - ix. مٿي ڄاڻايل سڀئي دستاويز لازمي طور تي ٽينڊر جاري ڪرڻ جي درخواست سان ڳنڍيل هوندا.
    - x. جيڪڏهن ڪانٽريڪٽرن انجنيئر جي تخميني يا جامع شيڊول آف ريٽ (CSR) کان 20 سيڪڙو کان وڌيڪ گهٽ قيمتن جو حوالو ڏنو آهي ته خريداري ڪندڙ ايجنسي شق 11.3.4 جي روشني ۾ اهڙين بولين کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.
    - xi. ڊيزل انجڻ جنريٽر سيٽ/پمپنگ مشينري لاءِ اليڪٽريڪل انسپيڪٽر کان لائسنس.
13. اڻ وڻندڙ حالتن جي صورت ۾ جمع ڪرائڻ / کولڻ جي تاريخ تي يا جيڪڏهن حڪومت موڪلن جو اعلان ڪري ٿي ته ٽينڊر ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ جڳهه تي جمع ڪيو ويندو.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن
ٿرپارڪر مٺي

پڙهندي سنڌ ته ... وڌندي سنڌ

INF/KRY#37/2024